Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :11 | اربع 02 آگسٽ 2023ع بمطابق 14 محرم الحرام 1445ھ | شمارو: 283 | قيمت 10 روپيا

ملڪ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ پرڏيهي سيڙپڪارن کي پاڪستان ۾ لڪيل خزانا دريافت ڪرڻ جي دعوت ڏيون ٿا: آرمي چيف

معدنياتي منصوبا عوام جي ترقيءَ جا اهم ڏاڪا آهن. اسان جي معاشرتي ذميواري آهي ته اسان سڀ ملي ملڪ جي معيشت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون

ملڪ ۾ سيڙپڪاري دوست نظام کي يقيني بنائينداسين. اهڙو نظام ضروري آهي جتي آسان شرط هجن ۽ غير ضروري التوا کان بچي سگهجي

خدا به انهن جي مدد ڪري ٿو جيڪي پنهنجون حالتون تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اسان پاڪستان کي ترقيءَ جي ڏاڪ تي آڻڻ چاهيون ٿا

ساحلي پٽي کان ميداني علائقن تائين هن زمين ۾ ڇا ڪجهه نه آهي. اسان سڀني جي معاشرتي ذميواري آهي ته اسان ملي ملڪ جي معيشت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون

ملڪ ۾ اڪنامڪ گروٿ ٿيندي هنن جي مائننگ لائسننگ ۾ ڪنهن به قسم جي رنڊڪ نه ٿيندي : اسلام آباد ۾ پاڪستان منرلز سمٽ کي خطاب

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته ملڪ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ پرڏيهي سيڙپڪارن کي پاڪستان ۾ لڪيل خزانا دريافت ڪرڻ جي دعوت ڏيون ٿا. معدنياتي منصوبا عوام جي ترقيءَ جا اهم ڏاڪا آهن. اسان جي معاشرتي ذميواري آهي ته اسان سڀ ملي ملڪ جي معيشت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون. آرمي چيف جنرل عاصم منير اسلام آباد ۾ پاڪستان منرلز سمٽ کي خطاب ڪندي چيو ته ملڪ ۾ سيڙپڪاري دوست نظام کي يقيني بنائينداسين اهڙو نظام ضروري آهي جتي آسان شرط هجن ۽ غير ضروري التوا کان بچي سگهجي. خدا به انهن جي مدد ڪري ٿو جيڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: آرمي چيف جنرل عاصم منير پاڪستان منرل سمٽ کي خطاب ڪري رهيو آهي

فوجي عدالتن ۾ شهرين جا ڪيس هلائڻ خلاف درخواستن جي ٻڌڻي لاءِ فل ڪورٽ جوڙڻ بابت فيصلو محفوظ

چيف جسٽس جي سربراهيءَ ۾ 6 رڪني لارجر بينچ ڪيس جي ٻڌڻي هلائي

اٽارني جنرل فوجي تحويل ۾ ورتل 102 جوابدارن جي لسٽ سپريم ڪورٽ ۾ پيش ڪري ڇڏي

ڇا گرفتار ڪيل 102 ڄڻن خلاف فوجي نڪاڻن تي حملن جون سڌيون شاهديون موجود آهن؟ : چيف جسٽس

ڪو آزاد ادارو هجڻ گهرجي جيڪو جائزو وٺي ته گرفتاريون پڪن ثبوتن تي ڪيون ويون آهن يا نه؟ : عمر عطا بنديال

پڪين شاهدين ۽ سي سي ٽي وي ريڪارڊ موجب گرفتاريون ڪيون ويون آهن : اٽارني جنرل

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ سويلين جي فوجي عدالتن ۾ ٽرائل خلاف ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ فل ڪورٽ جوڙڻ بابت درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي جيڪو سپاٽي ٻڌايو ويندو. سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 6 رڪني لارجر بينچ سويلين جي فوجي عدالتن ۾ ٽرائل خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ وڪيل فيصل صديقي دليل ڏيندي چيو ته فل ڪورٽ سان بينچ جي جوڙجڪ تي اعتراض به ختم ٿي ويندا. فيصل صديقي چيو ته اٽارني جنرل يقين ڏياريو آهي ته هن ڪيس دوران ڪنهن سويلين جو فوجي ٽرائل نه ٿيندو. ڪجهه ججز ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڳالهيون گهٽيون ٿي ويون، هاڻ عمل سان ترقي جا حدف حاصل ڪرڻا آهن: وزيراعظم

منرل سمٽ جو مقصد پرڏيهي سرمائيڪاري کي هتي ڏيڻ آهي : شهباز شريف

70 جي ڏهاڪي ۾ روس جي ڀائيواري سان پاڪستان اسٽيل مل جو قيام عمل ۾ آندو ويو

ڪرپشن هن شعبي جي ترقي ۾ وڏي رڪاوٽ بڻي. نيب به ماڻهن کي سياسي انتقام جو نشانو بڻائيندو رهيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ڳالهيون گهٽيون ٿي ويون آهن. هاڻ پنهنجي عمل سان ترقي جا حدف حاصل ڪرڻا آهن. وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ منعقد پاڪستان منرلز سمٽ ڊسٽ ٽو ڊولپمينٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان منرلز سمٽ ڊسٽ ٽو ڊولپمينٽ جي افتتاحي سيشن کي خطاب ڪندي

ڪراچي سميت صوبي ۾ جعلي رهائشي سوسائٽيز جو انڪشاف

ڪوآپريٽو کاتي آئي جي رجسٽريشن سميت ٻين آفيسرن کي خط اماڻي ڇڏيو

ڪنهن به سوسائٽي کي ليز ۽ ذيلي ليز نه ڏيڻ جي هدايت ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ جعلي رهائشي سوسائٽيز جو انڪشاف ٿيڻ تي سنڌ حڪومت سوسائٽيز جي رجسٽريشن ليز ۽ ذيلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

گهرو وزير راڻا ثناءُ الله 4 ڏينهن جي دوري تي عراق روانو ٿي ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) گهرو وزير راڻا ثناءُ الله پنهنجي عراقي هم منصب جي دعوت تي 4 ڏينهن جي دوري تي عراق روانو ٿي ويو راڻا ثناءُ الله سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ جو اثر ملازمن تي پوندو: امين الحق

پيٽرول جي اگهن ۾ قيرقار سڄي دنيا ۾ نظر اچي رهي آهي

آصف زرداري به چيو هو ته ڪراچي جي آبادي 3 ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي

ڪراچي(رپورٽر) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي اڳواڻ ۽ وفاقي وزير امين الحق چيو آهي ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سان پورهيتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪوئيٽا ۾ فائرنگ: پوليو کان بچاءُ واري ٽيم جي سيڪيورٽي تي مقرر 2 اهلڪار شهيد

فائرنگ جو واقعو ڪوئيٽا جي ڏوراهين علائقي نوان ڪلي ۾ پيش آيو

نامعلوم هٿياربندن پوليو کان بچاءُ واري ٽيم تي فائرنگ ڪري ڏني

هٿياربند جوابدار موٽر سائيڪلن تي سوار هئا جيڪي ٻن مختلف طرفن کان آيا هئا : پوليس

ڪوئٽه (م د) ڪوئٽه ۾ پوليس کان بچاءُ واري ٽيم تي فائرنگ سبب 2 اهلڪار شهيد ٿي ويا. پوليس موجب فائرنگ جو واقعو ڪوئٽه جي ڏوراهين علائقي نوان ڪلي ۾ پيش آيو جتي نامعلوم هٿياربندن پوليو کان بچاءُ واري ٽيم تي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ سيڪيورٽي لاءِ مقرر 2 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا. پوليس موجب فائرنگ کان پوليو جي بچاءُ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي مثبت شروعات

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات مثبت آهي ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 374 پرائنٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

انٽربئنڪ ۾ رپئي جي مقابلي ۾ ڊالر جي قدر ۾ گهٽتائي

ڊالر جي قيمت ۾ معمولي واڌ ٿي ۽ ڊالر 286 رپيا 64 پئسا مهانگائي سان بند ٿي ويو

انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قدر ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي ۽ ڊالر جي قيمت ۾ 39 پئسا گهٽتائي ٿي وئي

ڪراچي(رپورٽر) انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي ٿي رهي آهي. ڪالهه ڪاروباري هفتي جي ڀرپور ڏينهن انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

عام چونڊون ڊگهي وقت تائين ملتوي ٿي سگهن ٿيون: منظور وسان وڏي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

ٿي سگهي ٿو ته چونڊون ڊگهي وقت تائين ملتوي ٿي وڃن

چونڊن جي التوا ۾ انٽرنيشنل طاقتن ۽ قرض ڏيندڙن جو اهم ڪردار ٿي سگهي ٿو

ممڪن آهي ته نگران سيٽ اپ 3 مهينن کان 2 سالن تائين هليو وڃي : نجي چينل سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي زراعت بابت صلاحڪار منظور وسان هڪ دفعو ٻيهر وڏي اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي. زراعت بابت صلاحڪار منظور وسان چيو آهي ته عام چونڊن ۾ دير ٿيندي. وقت تي چونڊون ٿيندي نظر نٿيون اچن ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

باجوڙ حملو انٽيليجنس جي وڏي ناڪامي آهي، قوم رياستي ادارن طرف ڏسي رهي آهي: مولانا فضل الرحمان

پاڪستان ۾ 26 انٽيليجنس ادارا آهن اهي ڪٿي غائب آهن. باجوڙ حملو هڪ وڏي انٽيليجنس ناڪامي آهي

ڇا هي مون کي ڀروسو ڏياري سگهن ٿا ته رياست منهنجي حياتي جي حفاظت ڪري سگهي ٿي يا نه؟

ڇا رياست صرف ٽيڪس وصول ڪندي، جان مال جي حفاظت نه ڪندي

اسلام آباد (م د) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان حملو انٽيليجنس جي وڏي ناڪامي آهي. مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته باجوڙ ۾ چيو آهي ته پوري قوم رياستي ادارن طرف ڏسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪارونجهر جي امڪاني نيلامي خلاف مٺي ۾ وڪيلن جي احتجاجي ريلي، ڌرڻو

عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪرڻ بعد مائي ڀاڳي چوڪ کان ڪشمير چوڪ تائين ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو

ڪارونجهر سنڌ جو جهومر آهي، ان جي نيلامي يا ڪٽائي برداشت نه ڪنداسين : وڪيل برادري

وڪيلن طرفان ڪارونجهر کي ليز تي ڏيڻ ۽ پٿر جي ڪٽائي تي مستقل پابندي لڳائڻ جو مطالبو ڪيو ويو

مٺي(رپورٽر) ڪارونجهر جي امڪاني نيلامي خلاف مٺي ۾ وڪيلن طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي.عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

شهلا رضا آئي بي اي پاس ڏهن اسسٽنٽ ليگلز کي آفر ليٽر ڏئي ڇڏيا

کاتي ۾ اسٽاف جي سخت کوٽ جو منهن ڏسڻو پوي پيو : شهلا رضا

اسان کي عورتن جي بابت عدالتي ڪيسن لاءِ وڪيلن جي ٽيم جي ضرورت پڻ هئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير سيده شهلا رضا آئي بي اي پاس 10 اسسٽنٽ ليگل ۽ 4 جونيئر ڪلرڪن کي آفر ليٽر جاري ڪري ڇڏيا. ان موقعي تي صوبائي وزير سيده شهلا رضا چيو ته کاتي ۾ اسٽاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سنڌ ۾ اسڪول کلي ويا پر اڪثر اسڪولن ۾ برساتي پاڻي بيٺل، شاگرد ۽ شاگرديا ٽيون گهرن ڏانهن واپس

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ اسڪول ٻن مهينن جي موڪلن ڪانپوءِ کلي ويا آهن پر ڪيترن ئي شهرن ۾ اسڪولن ۾ پڙهائي شروع نه ٿي سگهي ڪيترن ئي شهرن ۾ برسات ڪانپوءِ اسڪولن اندر پاڻي بيهجي ويو آهي. لاڳاپيل انتظاميا پاران پاڻي نيڪال لاءِ ڪي به قدم ناهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

موڪلون ختم، اسڪول کلي ويا، حاضري معمول کان تمام گهٽ

اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ موڪلن کان پوءِ اڱاري کان تعليمي سرگرميون بحال ٿي ويون

ٻن مهينن جي موڪلن کان پوءِ تعليمي ادارن جون رونقون ٻيهر بحال ٿي ويون

ڪراچي (رپورٽر) ٻن مهينن تائين اونهاري جي موڪلن جا مزا وٺندڙ ٻارڙن جون موڪلون ختم ٿي ويون اڱاري تي ڪراچي سميت سڄي ملڪ جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پيٽرول جي قيمتن ۾ ايتري وڏي واڌ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهي: واپاري

حڪومت فوري طور تي بجلي ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ ظالماڻو اضافو واپس وٺي

جيڪڏهن قيمتن ۾ اضافو واپس نه ورتو ويو ته ملڪ ۾ احتجاج جو اعلان ڪنداسين

اسلام آباد (م د) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ تي واپارين جو رد عمل سامهون اچي ويو آهي. واپارين مطالبو ڪيو آهي ته پيٽرول جي قيمتن ۾ ايتري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

فرخ حبيب جا ناقابل ضمانت وارنٽ جاري

دهشتگردي ٽوڙ عدالت جاچ آفيسر جي درخواست منظور ڪندي ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا

جوابدار گرفتاري کان بچڻ لاءِ روپوش ٿي ويو آهي : جاچ آفيسر

لاهور (م د)لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت تحريڪ انصاف اڳواڻ فرخ حبيب جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. لاهور جي زمان پارڪ ٻاهران ڪارروائي دوران پوليس تشدد جي ڪيس ۾ جوابدار جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا آهن. دهشتگردي ٽوڙ عدالت جاچ آفيسر جي درخواست منظور ڪندي ناقابل ضمانت گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

شهدادڪوٽ: برسات کي هفتو گذرڻ باوجود شهر مان پاڻي نيڪال نه ٿيو، احتجاج

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهدادڪوٽ ۾ برسات کي هفتو گذرڻ باوجود شهر مان پاڻي نيڪال نه ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

شرجيل ميمڻ ڪراچي ۾ پيپلز بس سروس جي نئين روٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو

نئون روٽ آر 12 ڪوڪرا پار ملير کان صدر 35 ڪلو ميٽر تي ٻڌل هوندو : شرجيل ميمڻ

روٽ آر 12 تي بس سروس اڄ ڏينهن جو 3 وڳي کان باضابطه طور شروع ڪئي ويندي

بس سعود آباد، ڪالا بورڊ، قائد آباد، لانڍي، ڪورنگي، قيوم آباد ۽ ايف ٽي سي کان گذرندي

ڪراچي (رپورٽر) ٽرانسپورٽ کاتي جي وزير شرجيل ميمڻ پيپلز بس سروس جي نئين روٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. شرجيل انعام ميمڻ موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مصطفيٰ ڪمال

آدم ڳڻپ حوالي سان وزيراعظم سان ملاقاتون ڪيون: مصطفيٰ ڪمال

وزيراعظم آدمشماري جي تاريخ وڌائي ڇڏي آهي، وفاقي حڪومت هميشه اسان جي ڳالهه ٻڌي آهي

وفاقي حڪومت جون 32 ٽيمون ڪراچي آيون ۽ اسان جي شڪايتن جو جائزو ورتو

ڪراچي(رپورٽر) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته آدمشماري واري معاملي تي وزيراعظم سان سندس ڪيترين ملاقاتن ٿيون. ڳالهائيندي مصطفيٰ ڪمال چيو ته وزيراعظم آدمشماري جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

وفاقي سرڪار عوام مٿان پيٽرول بم ڪيرائي ڇڏيو، 20 روپيه في ليٽر واڌ جو اعلان

پيٽرول جي قيمت ۾ واڌ کان پوءِ في ليٽر پيٽرول جي قيمت 272.95 روپيه ٿي وئي آهي : اسحاق ڊار

هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ 19 روپيه 90 پئسا واڌ جو اعلان ڪيو ويو آهي

اسان آءِ ايم ايف سان معاهدي ۾ آهيون، ان لاءِ اهڙا فيصلا نٿا ڪري سگهون جنهن سان ملڪ پريشانين جو شڪار ٿئي

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت ويندي ويندي عوام مٿان پيٽرول بم ڪيرائي ڇڏيو في ليٽر 19 روپيه 95 پئسن جي وڏي واڌ جو اعلان ڪيو ويو آهي. ناڻي واري وزير اسحاق ڊار پريس ڪانفرنس دوران تيل جي قيمتن ۾ واڌ جو اعلان ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

9 مئي سانحو: جي آءِ ٽي عمران خان کي جمعي تي طلب ڪري ورتو

پي ٽي آءِ چيئرمين کي سمورن نامزد ڪيسن ۾ طلب ڪيو ويو ۽ عمران خان کي جي آءِ ٽي جوٽون پيرو طلب ڪيو

عمران خان جي آءِ ٽي آڏو صرف هڪ ڀيرو پيش ٿيو آهي : پوليس

جي آءِ ٽي جي ميمبرن کي ڌمڪيون ڏيڻ تي پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف شڪايت داخل ٿيل آهي

اسلام آباد (م د) جي آءِ ٽي 9 مئي تي جناح هائوس تي حملوءِ ڀڃ ڊاهه جي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي جمعي تي طلب ڪري ورتو آهي پي ٽي آءِ چيئرمين کي سمورن نامزد ڪيسن ۾ طلب ڪيو ويو آهي ۽ عمران خان کي جي آءِ ٽي جوٽون پيرو طلب ڪيو آهي. پوليس موجب عمران خان جي آءِ ٽي آڏو صرف هڪ ڀيرو پيش ٿيو آهي جي آءِ ٽي جي ميمبرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: آءِ ٽي وارو وفاقي وزير سيد امين الحق تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪوئيٽا: پوليو ٽيم تي ٿيل حملي ڪانپوءِ اهلڪار علائقي ۾ بيٺل آهن

پيپلز پارٽي گڏريل چونڊن ۾ بيوفائي ڪندڙن کي ٽڪيٽ نه ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو

اهو فيصلو پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي صدارت هيٺ ڪوئايل اجلاس ۾ ڪيو ويو

فيصلي جي زد ۾ ايندڙن ۾ وڏا وڏا نالا شامل آهن جن سياسي اڳواڻن پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ حاصل ڪري ريٽرننگ آفيسر ڏانهن جمع نه ڪرائي هئي

انهن ۾ فردوس عاشق اعوان، قيوم جتوئي فيملي، شوڪت بسرا، نوشير لنڱڙيال، ڪاشف نويد پنسوتا، ڊاڪٽر جاويد گنجال سميت ٻيا شامل

لاهور(م د) پاڪستان پيپلز پارٽي گڏريل چونڊن ۾ بيوفائي ڪندڙن کي پارٽي جي ٽڪيٽ نه ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. پارٽي ذريعن موجب اهو فيصلو پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي صدارت هيٺ ڪوئايل اجلاس ۾ ڪيو ويو فيصلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عمران خان کي اسٽيبلشمينٽ ۽ نواز شريف سان رنجشون ختم ڪرڻ جي ضرورت آهي: فواد چوڌري

جيستائين اهي رنجشون گهٽ نه ٿينديون پاڪستان ۾ چونڊون ڪرائڻ ممڪن نه ٿيندو

وقت فيصلو ڪرڻ جي ضرورت آهي ته پاڪستان کي ڪيئن نارمل ڪرڻو آهي ان لاءِ چونڊن کان اڳ ميثاق جمهوريت ڪيو وڃي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) استحڪام پاڪستان پارٽي جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي اطلاعات واري وزير فواد چوڌري چونڊن کان اڳ پي ٽي آءِ چيئرمين کي اسٽيبلشمينٽ ۽ نوازشريف سان

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان ملائيشيا ۾ مقرر پاڪستاني هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪري رهيو آهي

رضوانه تشدد ڪيس: اسلام آباد جي عدالت جج جي گهر واري جي عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي

اسلام آباد (م د) ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت ننڍي عمر جي ٽرڪرياڻي رضوانه تشدد ڪيس ۾ جج جي گهر واري سوميا عاصم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ريڊيو پاڪستان جي نشريات هاڻ 52 ملڪن ۾ ٻڌي ويندي : مريم اورنگزيب

موجوده حڪومت ادارن کي بهتر ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا آهن

اليڪٽرانڪ، پرنٽ ۽ ڊيجيٽل ميڊيا جي مانيٽرنگ جي شروعات ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (م د) اطلاعات کاتي جي وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته 2013 کان 2018 جي ترقي جي سفر جي شروعات ٿي چڪي آهي. هڪ هفتي کان پوءِ حڪومت ختم ٿي ويندي ۽ نگران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سڏ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب

نواز شريف سان ٿيل زيادتين جو اليڪشن کان اڳ ازالو ٿيڻ گهرجي: طلال چوڌري

سمورن معاملن ۾ اتحادين جي وچ ۾ مشاورت ٿيندي آهي، نگران وزيراعظم لاءِ متفقه نالو جلد سامهون اچي ويندو

هر فيصلي تي اتحادين جا تحفظات دور ڪيا ويا آهن. جنهن به ڪيو ان کي نتيجا ڀوڳڻا پوندا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ طلال چوڌري چيو آهي ته نوازشريف ۽ ن ليگ خلاف ٿيندڙ زيادتين کي چونڊن کان اڳ حل ڪيو وڃي.نجي ٽي وي سان ڳالهائيندي طلال چوڌري چيو ته نگران وزيراعظم لاءِ متفقه نالو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نوابشاهه قاضي احمد لنڪ روڊ تي هٿياربندن جي فائرنگ، نوجوان قتل

ڳوٺ نيازي سيال پرسان موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن عدالت مان شنوائي تان واپس ايندڙ ڳوٺائي کي قتل ڪري ڇڏيو

جوابدار ڳوٺ مير محمد ڪوسو واسي نوجوان ذوالفقار ڪوسو کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان ايراني سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

نوابشاهه / قاضي احمد (نمائندن وٽان) نوابشاهه قاضي احمد لنڪ روڊ تي موٽر سائيڪل سوارن هٿان نوجوان قتل ٿي ويو ڳوٺ نيازي سيال پرسان موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن عدالت مان شنوائي تان واپس ايندڙ ڳوٺائي کي قتل ڪري ڇڏيو جوابدار ڳوٺ مير محمد ڪوسو واسي نوجوان ذوالفقار ڪوسو کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا ، اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته ڪجهه مهينا اڳ مقتول جي ڀاءُ راشد ڪوسو کي قتل ڪيو ويو هو. عدالت ۾ ڪيس هلندڙ هو. جوابدارن پاران ڪيس ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪٿي هلڪي ته ڪٿي تيز برسات

قمبر، جوهي، پير جو ڳوٺ، ٻان سيد آباد، روهڙي، پيارو اسٽيشن ۽ قلجي اسٽيشن ۾ ڪٿي هلڪي ته ڪٿي تيز هوا سان برسات پئي

گاجي کهاوڙ، نصير آباد، مبارڪپور، نئون ديرو، ڪنڊرا، ٽنڊو رحيم خان، پڪو ۽ ڀرپاسي برسات جو وسڪارو

برسات ڪانپوءِ بجلي ۽ مواصلاتي نظام ڊانوا ڊول ٿي ويو برسات انتظاميا جي دعوائن جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي

ڪراچي (نمائندن وٽان) سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪٿي هلڪي ته ڪٿي تيز برسات، سکر، لاڙڪاڻو، دادو، شهدادڪوٽ، ميهڙ ۽ ڪي اين شاهه ۾ تيز هوا سان وسڪارو پيو قمبر، جوهي، پير جو ڳوٺ، ٻان سيد آباد، روهڙي، پيارو اسٽيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ملي: ڪارونجهر جي امڪاني نيلامي خلاف وڪيلن طرفان ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو پيو وڃي

گڏيل قومن جي سيڪيورٽي ڪائونسل باجوڙ ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪري ڇڏي

نيويارڪ (م د) گڏيل قومن جي سيڪيورٽي ڪائونسل باجوڙ ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪري ڇڏي آهي گڏيل قومن جي سيڪيورٽي ڪائونسل طرفان جاري ڪيل بيان ۾ باجوڙ ڌماڪي ۾ پاڪستان جي حڪومت ۽ ڌماڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

دڙو ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف شهرين ۽ ٽرانسپورٽرن پاران احتجاجي مظاهرو

وفاقي حڪومت پاران پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ 20 ___ 20 رپيا واڌ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

حافظ عبدالغفور ميمڻ، ڪمن ماڇي، اويس ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بس اسٽاپ تي احتجاج ڪيو

تيل جي اگهن ۾ واڌ وارو فيصلو فورن واپس وٺي عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي: واپارين جون ڳالهيون

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف شهرين ۽ ٽرانسپورٽرن پاران احتجاجي مظاهرو، حڪومت خلاف سخت نعريبازي، فيصلو واپس وٺڻ جو مطالبو، خبر موجب وفاقي حڪومت پاران پيٽرول ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دڙو: پيٽروليم اگهن ۾ واڌ خلاف شهري ۽ ٽرانسپورٽر احتجاج ڪري رهيا آهن

پيرلوءِ ۾ مجلس عزا امام حسين عليه السلام ۽ ماتم جلوس برآمد

پيرلوءِ (رپورٽر) پيرلوءِ ۾ هر سال جيان هن سال به مجلس عزا امام حسين عليه السلام ۽ ماتم جلوس برآمدگي جهولا شهزاده علي اصغر عليه السلام، بمقام امام بارگاهه امام زين العابدين عليه السلام وليج شهيد زوار وسيم عباس شيخ نزد پير فاضل شاهه پيرلوءِ، ڪان ٿي جنهن ۾ مومنين ۽ عزادارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تفصيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

شهدادڪوٽ شهر جي ڳتيل آبادي شيزان چوڪ پرسان هٿياربندن پاران 9 لک روپيا ڦر

شيزان چوڪ وٽ قائم تيل جي واپاري ۽ صرف، صابڻ، پيسٽ جي واپاري کان ڦرتي

چور اويناش بجاج کي هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري 9 لک ڪان ڪيش کٽي فرار ٿي ويا

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهدادڪوٽ شهر جي ڳتيل آبادي شيزان چوڪ پرسان موٽرسائيڪل سوار هٿيار بند تيل جي واپاري کي يرغمال ڪري 9 لک کان وڌيڪ رقم ڦر ڪري فرار، شهر جي شاهي بازار جي منڊي ۾ شيزان چوڪ وٽ قائم تيل جي واپاري ۽ صرف، صابڻ، پيسٽ ۽ ٻين گهريلو استعمال شين جي هول سيل جي دوڪان تان موٽرسائيڪل سوار هٿيار بند واپاري اويناش بجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

شهدادڪوٽ ۾ روڊن، گهٽين ۽ نالين سميت ٻيا ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مڪڻ شاه پاڙي جي رهواسين ۽ سياسي، سماجي تنظيمن جي اڳواڻن احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

آصف مگسي، الهداد خشڪ، شيعا اڳواڻ سيد علي اڪبر شاه، جماعت اسلامي جي محمد ابراهيم دايو مظاهرو هنيو

ٺيڪيدار ۽ پبلڪ هيلٿ جو ايڪسيئن فياض چوهاڻ ٻن مهينن کان ڪم بند ڪري غائب ٿي ويا آهن: مظاهرين

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ روڊن، گهٽين ۽ نالين سميت ٻيا ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف مڪڻ شاه پاڙي جي رهواسين ۽ سياسي، سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ترقياتي ڪم ڪرائڻ جو مطالبو، شهدادڪوٽ ۾ مڪڻ شاه پاڙي جي رهواسي ۽ سياسي، سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پاران شهر ۽ مڪڻ شاه پاڙي ۾ روڊن، گهٽين، نالين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

شهدادڪوٽ: ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

احمدپور پرسان ڳوٺ نوراجا شريف ۾ شهداءَ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ ساليانو مجلس

احمدپور (رپورٽر) احمدپور پرسان ڳوٺ نوراجا شريف ۾ شهداءَ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ ساليانو مجلس ٿي گذري، تقريب ۾ سنڌ جي نالي وارن علماء اڪرامن ۽ نعت خوانن شرڪت ڪئي رپورٽ موجب احمدپور لڳ ڳوٺ نوراجا شريف ۾ پير آف نوراجا سيد عبدالستار شاه طرفان ساليانو شهداءَ ڪربلا جي شهيدن جي شان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو محمد خان ۾ ڪارونجهر جي قومي اثاثي کي نقصان رسائڻ جي سازش خلاف احتجاجي مظاهرو

سنڌ سڀا طرفان ڪارونجهر جي قومي اثاثي کي نقصان رسائڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سنڌ سڀا جي سربراه انعام عباسي، مرڪزي صدر اصغر جمالي، پير بخش، زاهد جسڪاڻي، صدام زنگيجو شريڪ ٿيا

سنڌ جي عوام پنهنجي قومي اثاثن کي ڪنهن به صورت ۾ نقصان رسائڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏيندو: انعام عباسي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) سنڌ سڀا طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ ڪارونجهر جي قومي اثاثي کي نقصان رسائڻ جي سازش خلاف احتجاجي مظاهرو، سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرن جو اعلان، ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ سڀا طرفان ڪارونجهر جي قومي اثاثي کي نقصان رسائڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاجي مظاهري کي سنڌ سڀا جي سربراه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽون ديرو بلدياتي ملازمن جو احتجاج، ڪي ايم سي ۽ ڊي ايم سي خلاف احتجاج

معرفت آن لائن نه ڪرڻ خلاف شاه لطيف لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز يونين جي سڏ تي احتجاج

شاه لطيف لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز يونين جي مرڪزي اڳواڻ حافظ مشتاق احمد ڪوريجو مظاهرو ڪيو

ملازمن کي اڌ کان به گهٽ پگهارون ڏين ٿيون ۽ ملازمن جو هن مهانگائي واري دور ۾ استحصال ٿي رهيو آهي: مظاهرين

ٺٽون ديرو (شاه محمود پٺي) ٺٽون ديرو بلدياتي ملازمن جو احتجاج ڪي ايم سي ۽ ڊي ايم سي سميت سنڌ جي رٽائرڊ ملازمن کي وقت سر ادائگيون، پينشن ادا نه ڪرڻ ۽ پگهارون ٽريزري معرفت آنلائن نه ڪرڻ خلاف شاه لطيف لوڪل گورنمينٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽون ديرو: بلدياتي ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد جو رهائشي اڌڙوٽ شخص مبينا طور هرڪجي اغوا ٿي ويو

جيڪب آباد(رپورٽر) جيڪب آباد جو رهائشي اڌڙوٽ شخص مبينا طور هرڪجي اغوا ٿي ويو، منهنجي مڙس کي ڪشمور گهرائي اغوا ڪيو ويو آهي ڪيس ڏهه ڏينهن گذري چڪا آهن ڌاڙيل 30 لک پنگ طلب ڪن پيا غريب آهيان مڙس جي بازيابي لاءِ مدد ڪئي وڃي مسمات نسيم جو ٻارن سميت احتجاج خبر موجب جيڪب آباد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سجاول لڳ ڳوٺ محمد خان طاهراڻي جي پرائمري بوائز گرل اسڪول جو ڪم رولڙي جو شڪار

ٺيڪيدار اڌ ۾ اسڪول جو ڪم ڇڏي بل منظور ڪرائي ڳولي اسڪول جي بلڊنگ ٺهڻ کان اڳ ڍهڻ لڳي

علائقي جي معصوم ٻارڙن جو مستقبل داءُ تي لڳل ٻن ورهين کان 150 ٻار کلي آسمان تي تعليم پرائڻ لڳا

غلام عباس خاصخيلي، سجاد خاصخيلي، حڪيم خاصخيلي، نعيم خاصخيلي، عارف خاصخيلي پاران نوٽيس

سجاول (ممتاز علي نهڙيو) سجاول لڳ ڳوٺ محمد خان طاهراڻي جي پرائمري بوائز گرل اسڪول جو ڪم رولڙي جو شڪار گذريل ٻن ورهين کان پٽين ۾ ڌار پڙهجي ويا ٺيڪيدار اڌ ۾ اسڪول جو ڪم ڇڏي بل منظور ڪرائي ڳولي اسڪول جي بلڊنگ ٺهڻ کان اڳ ڍهڻ لڳي ۽ سال پهريان اسڪول جو ڪم شروع ٿيو ته ايجوڪيشن ورڪس سجاول جي آفيسرن جي ملي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

شهدادڪوٽ مستوئي پاڙي جي رهواسين جو پاڙي مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف احتجاج

عبدالنبي لانگاه، عمران چانڊيو، احمد نواز بروهي، راحيل لانگاه، غلام حسين لانگاه احتجاجي مظاهرو ڪيو

يار محمد بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مين شهدادڪوٽ رتوديرو روڊ تي ڌرڻو هڻي رڪاوٽون وجهي رستو بند ڪري ڇڏيو

هڪ هفتو گذرڻ باوجود وارڊ نمبر (2) جي مستوئي پاڙي جي مختلف گهٽين مان برساتي پاڻي نيڪال ناهي ڪيو ويو: الزام

شهدادڪوٽ (رپورٽر) مستوئي پاڙي جي رهواسين جو پاڙي مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف احتجاج مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ٽريفڪ معطل ڪري ڇڏي، مظاهرين عبدالنبي لانگاه، عمران چانڊيو، احمد نواز بروهي، راحيل لانگاه، غلام حسين لانگاه، يار محمد بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مين شهدادڪوٽ رتوديرو روڊ تي ڌرڻو هڻي رڪاوٽون وجهي رستو بند ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

شهدادڪوٽ: مستوئي پاڙي واسي برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

چيلهار ۾ "تعليم وڌايو نياڻيون پڙهايو" جي عنوان هيٺ شاندار ريلي

مٺي (رپورٽر) چيلهار "تعليم وڌايو نياڻيون پڙهايو" جي عنوان هيٺ چيلهار جي گرلس هاءِ اسڪول ۽ سامي فائونڊيشن طرفان، ايڪتيد تنظيم جي سهڪار سان هڪ وڏي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ تعليم کاتي جي ضلعي عملدارن ڊپٽي ڊي اي او سيڪنڊري ٿرپارڪر ارجن سوٿهڙ، تعليمي آفيسر جهنومل، اڳوڻي ٽائون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

محرابپور ۾ رهواسين پاران جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو، نوٽيس جي گهر

بلاول ڪالوني ۾ آرائين برادري جي ماڻهن فائرنگ ڪري اسان جي نينگر کي زخمي ڪيو: الزام

قتل ۾ ملوث 10 جوابدارن مان ست جوابدارن جي ڪچي ضمانت منظور ٿي آهي، نوٽيس ورتو وڃي

ضمانت منظور ٿيڻ کان پوءِ جوابدار ويتر اسان جي گهرن مٿان فائرنگ ڪري رهيا آهن، تحفظ فراهم ڪيو وڃي

محرابپور (رپورٽ: مجاهد سامٽيو) مرڪزي ميڊيا هائوس محرابپور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي امتياز سهتو، ذوالفقار سهتو، فرحان عرف ڪارو سهتو ۽ ٻين چيو ته پنج ڏينهن اڳ محرابپور جي بلاول ڪالوني ۾ آرائين برادري جي ماڻهن فائرنگ ڪري اسان جي 8 سالا نينگر سجاد علي سهتو ۽ 10 سالا نينگر محمد علي سهتو کي سخت زخمي ڪيو هيو ليڪن ڪافي ڏينهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو باگو لڳ نوجوان پاران غربت ۽ بيروزگاري کان تنگ ٿي خودڪشي جي ڪوشش

غربت ۽ بيروزگاري کان تنگ ٿي مدد پٽ چيڙ ملاح خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

بيروزگاري کان تنگ ٿي گهر ۾ پيل زهريلي دوا پي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

ٽنڊو باگو (رفاقت جروار) ٽنڊو باگو لڳ نوجوان پاران غربت ۽ بيروزگاري کان تنگ ٿي زهريلي دوا پي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش، تعلقه اسپتال جي ڊاڪٽرن نوجوان مان زهر ڪڍي سندس حياتي بچائي ورتي، ان ڏس ۾ ٽنڊو باگو لڳ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

مهراڻ ٽائون منياڻي روڊ نوشهروفيروز جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

مسمات حور خاتون صاحبزادي ناديا لاشاري نوشهروفيروز پوليس خلاف احتجاج ڪيو

اسان جو نوجوان کي نوشهروفيروز پوليس 8 محرالحرام تي کنيي گم ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ: اسد علي عمراڻي) مهراڻ ٽائون منياڻي روڊ نوشهروفيروز جي رهواسي مسمات حور خاتون صاحبزادي ناديا لاشاري نوشهروفيروز پوليس خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ايس ايچ او نوشهروفيروز راجا تويد سرفراز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز: مهراڻ ٽائون واسي عورتون پوليس خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

ٺٽو: سنڌو درياءَ ۾ ڪوٽڙي بئراج تي وهڪرن ۾ مسلسل اضافو جاري

ڪوٽڙي کان هيٺ ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي جو چوڙ وڌائي هڪ لک 44 هزار 8 سئو 71 ڪيوسڪس ڪيو ويو

ڪوٽڙي بئراج تي مٿانهون وهڪرو وڌي هڪ لک 81 هزار 9 سئو 56 ڪيوسڪس تي پهچي ويو

ٺٽو (رپورٽر) سنڌو درياءَ ۾ ڪوٽڙي بئراج تي وهڪرن ۾ مسلسل اضافو جاري، ڪوٽڙي کان هيٺ ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي جو چوڙ وڌائي هڪ لک /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڊو باگو لڳ جهيڙي دوران مارجي ويل نوجوان جي ڪيس ۾ هڪ جوابدار گرفتار

قتل ٿيل پيٽائي زاهد علي جمالي جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن مان هڪ گرفتار ٿيو

قتل ڪيس ۾ شامل ٻي جوابدار روپوش ٿي وڃڻ سبب پوليس کي هٿ اچي نه سگهيا آهن

ٽنڊو باگو (رفاقت جروار) ٽنڊو باگو لڳ ڳوٺ محمد حنيف جمالي ۾ اٺ ڏينهن اڳ سارين جي فصل ۾ برساتي پاڻي ڇنڊڻ واري معاملي تان سالن هٿان قتل ٿيل پيٽائي زاهد علي جمالي جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن مان هڪ جوابدار شاه مراد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽو: سول اسپتال مڪلي ۾ هڪ عورت ڊاڪٽرن جي لاپرواهي سبب فوت

ڊاڪٽرياڻين ۽ عملي گهرواري جي 7 مهينن ۾ ڊليوري ڪرائي ته ٻار فوت ٿي ويو: پوررهيت

معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪري ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ٺٽو (رپورٽر) سول اسپتال مڪلي ۾ هڪ عورت ڊاڪٽرن جي لاپرواهي غفلت توڙي غلط علاج ڪرڻ سبب فوت ٿي وئي، سندس گهر ۾ ڪهرام مچل. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

DISTRICT PRESS CLUB TANDO MUH
STOP CUTTING KAROONJHAR MOUNTAINS

ٽنڊو محمدخان: سنڌ سڀا پاران ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊيارو پرسان اسڪول مان برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو

برسات کي پنج ڏينهن گذري ويا، لاڳاپيل انتظاميه ڪو به نوٽيس نه ورتو

موڪلن ڪانپوءِ اسڪول جي پهرين ڏينهن استاد توڙي شاگرد سخت پريشان

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو پرسان ڪمالديرو هاءِ اسڪول مان برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو برسات کي پنج ڏينهن گذري ويا. ڪنڊيارو پرسان ڪمالديرو جو ڄڻ مشهور مين هاءِ اسڪول ۾ برسات جو پاڻي اڃان تائين بيٺل تعليمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٺٽي ۾ اونهاري جي ٻن مهينن جي ڊگهي ويڪيشن بعد اسڪول کُلي ويا

موڪلون ختم ٿيڻ بعد سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن ۾ هڪ دفعو ٻيهر تدريسي سرگرميون شروع

ڀڪنڊڙ ٻار ٻهراڙي جي ڳوٺن مان پيادل پنڌ ڪري سرڪاري پرائمري اسڪولن ۾ پهچڻ لڳا

ٺٽو (رپورٽر) سڄي سنڌ جيان ٺٽي ضلعي ۾ اونهاري جي ٻن مهينن جي ڊگهي ويڪيشن بعد اسڪول کلي ويا. ٻارڙا اسڪولن ۾ پهچي ويا. اونهاري جون موڪلون ختم ٿيڻ بعد سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن ۾ هڪ دفعو ٻيهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سجاول: ڳوٺ محمد خان طاهراڻي جي اسڪول جي شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

پرياسٽي ٽائون چيئرمين سيد نور محمد شاه پاران تعلقه آفيس ٻاهران تقريب منعقد

سيد نور محمد شاه ۽ وائيس چيئرمين صغير احمد راجپوت ۽ ٻين پاران شرڪت ڪئي وئي

ايم پي اي سيد مراد علي شاه سيد ظهير حسين شاه سيد حسن علي شاه ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پرياسٽي ٽائون چيئرمين سيد نور محمد شاه ۽ وائيس چيئرمين صغير احمد راجپوت پهرين پيرون تعلقه آفيس جوائن ڪرڻ تي تعلقه آفيس ٻاهران هڪ تقريب ڪوٺائي وئي تقريب ۾ سياسي سماجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

گهاري ۾ علماءِ ايڪشن ڪميٽي طرفان باجوڙ ۾ بم ڌماڪي جي مذمت

بم ڌماڪي ۾ شهيد ٿيل جميعت علماءِ اسلام ڪارڪنن شهادت جي مذمت ڪئي

محمد قاسم چانڊيو، مولوي غلام محمد، مفتي عبدالرحمان، مولوي عبدالحفيظ چانڊيو شريڪ

گهارو (بشام جوکيو) علماءِ ايڪشن ڪميٽي جي طرفان باجوڙ ۾ بم ڌماڪي ۾ شهيد ٿيل جميعت علماءِ اسلام جي ڪارڪنن شهادت جي مذمت ڪئي ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته حڪومت دهشتگردن کي گرفتار ڪري ويو وڃي ۽ شهيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

چونڊن ۾ تحريڪ انصاف کي عوام ڳنڍيل طور تي مسترد ڪري ڇڏيندو: شير محمد الڙو

ذاتي مفادن جي چڪر ۾ پي ٽي آءِ ملڪ کي تباهه ڪيو، پي ٽي آءِ پاڻ بدنام ٿي چڪي آهي

ملڪ کي ڏنل بحرانن، مشڪلاتن مان نجات ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن ڪوششون ڪري رهي آهي

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان مسلم ليگ ن سکر ڊويزن ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري حافظ شير محمد الڙو چيو آهي ته ايندڙ چونڊن ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف کي پاڪستان جي باشعور عوام ڳنڍيل طور تي مسترد ڪري چڪي آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ميڊيا هائوس

محرابپور: بلاول ڪالوني واسي پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ڪشمور جي بجيٽ پيش، 50 ڪروڙ 32 لک ست هزار پنجاهه روپيا جي بجيٽ پيش

پگهار ۽ پينشن ستارنهن ڪروڙ اٺهٽ لک تيرهن هزار اٺ سو اٺهتر روپيا قدرتي آفتن لاءِ ست لک لاءِ مختص ڪيا ويا

17 ڪروڙ پريس ڪلب لاءِ پندرنهن لک غريب ماڻهن جي مالي مدد لاءِ ويهه لک روپيا اسڪالرشپ لاءِ رکيا ويا آهن

ضلعي چيئرمين گل محمد جکراڻي ۽ وائس چيئرمين الطاف خان ڪوسو جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ميمبر شريڪ ٿيا

ڪنڌڪوٽ (غالب بلوچ) ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ڪشمور جي بجٽ ضلعي چيئرمين گل محمد جکراڻي پنجاهه ڪروڙ ٻٽيهه لک ست هزار ٽي سو پنجاهه روپيا جي بجيٽ پيش ڪئي. جنهن ۾ خرچ جو تخمينو پنجاهه ڪروڙ اڻٽيهه لک چوراسي هزار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪنڌڪوٽ: ضلعي چيئرمين گل محمد جکراڻي بجيٽ پيش ڪري رهيو آهي

ميرپور ماٿيلو ۾ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي 33 هين سالگره ملهائي وئي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ذوالفقار ڀٽو جونيئر جي 33 سالگره ميرپورماٿيلو ۾ ملهائي وئي، پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو تعلقي ميرپور ماٿيلو طرفان جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي 33 هين جنم ڏينهن تي ب ب شهيد ڀٽو پاران شهيد ڀٽو آفيس تي وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

جي يو آءِ ورڪرز ڪنوينشن ۾ دهشتگردن جي حملي جي مذمت ڪريون ٿا: نورين مسعود

ڌماڪي جي نتيجي ۾ 35 ڄڻا مارجي ويا ۽ 150 کان وڌيڪ ڪارڪن ۽ عام ماڻهو زخمي ٿيا

حڪومت سياسي قائدين ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ جوڳا قدم کڻي

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) باجوڙ ۾ جي يو آءِ جي ورڪرز ڪنوينشن ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ ٿيندڙ جاني ۽ مالي نقصان تي قومي اتحاد پارٽي پاڪستان جي چيئرپرسن نورين مسعود واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته جي يو آءِ ورڪرز ڪنوينشن ۾ دهشتگردن ڌماڪو ڪيس، ڌماڪي جي نتيجي ۾ 35 ڄڻا مارجي ويا ۽ 150 کان وڌيڪ ڪارڪن ۽ عام ماڻهو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

منياڻي ۾ گورنمينٽ آف سنڌ ۽ آءِ بي اي جي ٽيسٽ پاس ڪندڙن پاران احتجاجي مظاهرو

ايڊووڪيٽ محمد قاسم ملڪ وزير علي سولنگي احمر خان ملڪ جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

5 ٿو 15 گريڊ وارين نوڪرين ۾ انٽرويو پاليسي ۽ گريڊنگ پاليسي ختم ڪئي وڃي: مظاهرين جو مطالبو

ايم اين اي ڳالهيون ڪري ميرٽ کي يقيني بڻائي ساڻن انصاف ڪرڻ جي خاطري ڪرائي احتجاج ختم ڪرايو

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) منياڻي ۾ گورنمينٽ آف سنڌ ۽ آءِ بي اي 5 کان 15 گريڊ ٽيسٽ ۾ پاس اميدوارن پاران احتجاجي مظاهرو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ايڊووڪيٽ محمد قاسم ملڪ وزير علي سولنگي احمر خان ملڪ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا اڳواڻن پاران آءِ بي اي خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيوت 5 ٿو 15 گريڊ وارين نوڪرين ۾ انٽرويو پاليسي ۽ گريڊنگ پاليسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز: آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوار احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو آدم مان نڪرندڙ ميل شاخ جي پوڇڙي جي آبادگارن پاران پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج

جهنڊو مري (رپورٽر) ٽنڊو آدم مان نڪرندڙ ميل شاخ جي پوڇڙي جي آبادگارن جو پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج ايس ڊي او سراج ميمڻ اسان جي پوڇڙي جو پاڻي منڊ جي آبادگارن کي وڪرو ڪري رهيو آهي آبادگار پيپرائٽي خبر موجب ميل شاخ ۾ ڪيترن مهينن کان پاڻي بند هجڻ خلاف آبادگار محمد بخش بروهي، ياسين مري، محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين ۾ رهائشي اسڪيمن جو شهرين سان فراڊ، پلاٽ خريد ڪندڙن کي سهولتون نه مليون

روپين جي عيوض پلاٽ بک ڪرائيندڙ پلاٽ مالڪن وڪيل گل محمد پرڳڙي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

رهائشي اسڪيمن ۾ گيس بجلي پاڻي ڊرينيج سميت ڪا به بنيادي سهولت نه ڏني وئي آهي: مظاهرين

سهولتون نه هجڻ ڪري سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهيون پر بلڊر رڳو ڪوڙا دلاسا ڏئي روانو ٿي وڃن ٿا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ رهائشي اسڪيمن جو شهرين سان فراڊ، پلاٽ خريد ڪندڙن کي گيس بجلي پاڻي ڪنيڪشن جون سهولتون نه ملڻ تي بلڊرن خلاف احتجاج ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب گذريل ڏينهن بدين ۾ مختلف رهائشي اسڪيمن ۾ لکين روپين جي عيوض پلاٽ بک ڪرائيندڙ پلاٽ مالڪن وڪيل گل محمد پرڳڙي خالد فاروقي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٻنون جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ايڪشن ڪميٽي پاران آل پارٽيز ڪانفرنس منعقد

مختلف سياسي، سماجي، مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن، شهرين ۽ واپارين جي وڏي تعداد ۾ شرڪت

مختلف سياسي سماجي تنظيمن ۽ واپارين شهرين، صحافين تي مشتمل ايڪشن ڪاميٽي جا اڳواڻ شريڪ

غلام عباس پليجو، سرفراز سومرو، لونگ مهيشوري، غني جوش پليجو پاران چونڊيل نمائنده مسئلن جا ذميوار قرار

دڙو (شوڪت ميمڻ) ٻنون جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ايڪشن ڪميٽي پاران آل پارٽيز ڪانفرنس، مختلف سياسي، سماجي، مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن، شهرين ۽ واپارين جي وڏي تعداد ۾ شرڪت، مسئلن جي حل لاءِ 6 آگسٽ آچر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دڙو: ٻنون ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف ايڪشن ڪاميٽي پاران ڪوٺايل گڏجاڻي جو ڏيک

راڻيپور ۾ پيار پرڻو ڪندڙ ناري کي مڙس ۽ ڏيرن تشدد ڪري گهر کان ڪڍي ڇڏيو

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور پرسان ڳوٺ وريو واهڻ جوڻيجو ۾ ڪجهه سال اڳ پيار پرڻو ڪندڙ ڪونج جوڻيجو کي مڙس ۽ سندس ڏيرن تشدد ڪري گهر کان ڪڍي ڇڏيو. تفصيل موجب: ڳوٺ وريو واهڻ واسي مسمات ڪونج کي مڙس ۽ ڏيرن تشدد جو نشانو بڻايو خوني تڪرار تيز ٿيڻ کان پوءِ مونکي شڪ جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

پبلڪ اسڪول گڏاپ ڪراچي ۾ شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ اوريئنٽيشن پروگرام منعقد

عبدالڪبير قاضي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ايس اي ايف، ناهيد عباسي ۽ ٻين پاران شرڪت

محبوب جوکيو ۽ پرنسپال خالد سيف الله ڀٽو سميت والدين شاگردن ۽ شاگرديائڻين شرڪت ڪئي

پليڪار ڪندي اسڪول ۾ شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ بهترين تعليم ۽ تربيت فراهم ڪرڻ لاءِ اعتماد ڏياريو

ڪراچي (رپورٽر) پبلڪ اسڪول گڏاپ ڪراچي ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اسڪالرشپ ماڻيندڙ شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ اوريئنٽيشن پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ عبدالڪبير قاضي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ايس اي ايف، ناهيد عباسي ڊپٽي ڊائريڪٽر ايس اي ايف ، عبدالفتاح جوکيو ريجنل هيڊ ايس اي ايف، اسڪول جي بورڊ چيئرمين بخش علي لاکو، بورڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

برساتن جو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ جي ڪري بدين جي هيٺاهين علائقن ۾ آزار

اسڪولن جون موڪلون ختم ڪري اسڪولن ۾ پڙهڻ لاءِ ايندڙ شاگرد سخت پريشان

زرعي توسيعي کاتو جانورن جي اسپتال سميت سرڪاري آفيسن ۾ گوڏي جيڏو پاڻي بيٺو آهي

شهر جي قبرستانن ۾ پاڻي بيهڻ جي ڪري لاش دفنائڻ به وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي: شهري اڳواڻ

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) برساتن جو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ جي ڪري بدين جي هيٺاهين وارن علائقن سميت اسڪولن ۽ سرڪاري آفيسن ۾ برساتي گندو پاڻي چولين هٽي رهيو آهي پهرين آگسٽ تي اسڪولن جون موڪلون ختم ڪري اسڪولن ۾ پڙهڻ لاءِ ايندڙ شاگردن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ٻئي طرف مختيار ڪار آفيس هائي ويز کاتو زرعي توسيعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين: انتظاميا جي نااهلي سبب برساتي بيٺل آهي، جنهن مان شاگرد گذري رهيا آهن

سيٺارجا ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڊائريڪٽر پاران سينٽرن جا دورا

سيٺارجا (رپورٽر) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڊائريڪٽر خيرپور محمد معروف پانڇ، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ٽري ميرواهه اطهر شر سيٺارجا ڊائنامڪ سروي ۽ رجسٽريشن سينٽر جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڊائريڪٽر محمد معروف پانڇ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سيٺارجا، ڏيارجا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نااهل حڪمرانن ويندي ويندي به عوام کان سڪل ماني به کسي ورتي آهي: محمد جاويد ميمڻ

عياشيون وڌي رهيون آهن، ۽ عوام هڪ وقت جي ماني حاصل ڪرڻ لاءِ به پريشان نظر اچي رهيو آهي

گئس جي اگهن ۾ اضافي کان پوءِ هاڻ پيٽرول جي اگهن ۾ اضافي سان مهانگائي جو نئون طوفان ايندو

ايس ڊي اي اڳواڻن مولانا عبدالله ڀٽو، غلام مصطفيٰ قلپوٽو، مفتي محمد چمن زمان قادري پاران مذمت

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ڊيولپمينٽ الائنس جي چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ حڪومت پاران پيٽرول جي اگهن ۾ 20 روپيا في ليٽر تائين اضافي کي رد ڪندي چيو آهي ته نااهل حڪمرانن ويندي ويندي به عوام کان سڪل ماني به کسي ورتي آهي، حڪمرانن جون عياشيون وڌي رهيون آهن، ۽ عوام هڪ وقت جي ماني حاصل ڪرڻ لاءِ به پريشان نظر اچي رهيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 02 آگسٽ 2023ع

باجوڙ دهشتگردي ۽ ماضيءَ جي ترجيحن جو طوق

باجوڙ ۾ جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي ورڪرز ڪنوينشن/جلسي ۾ ٿيل ڌماڪي جي نتيجي ۾ 54 ماڻهو شهيد ۽ 83 زخمي ٿيا آهن. 15 زخمين جي حالت ڳڻتيءَ جوڳي رپورٽ ٿي آهي، جيڪي مختلف اسپتالن ۾ علاج هيٺ آهن. ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي موجب، ڌماڪي ۾ 10 کان 12 ڪلوگرام ڌماڪيدار مواد استعمال ٿيو. ڌماڪو خودڪش هو. توڙي جو هيستائين ڪنهن به تنظيم ڌماڪي جي ذميواري قبول ناهي ڪئي پر ايڊيشنل آءِ جي موجب، ڌماڪي واري هنڌ تان سموريون شاهديون گڏ ڪيون ويون آهن. حملي آور گروپ جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي، صرف فارينزڪ رپورٽن جو انتظار آهي.

پاڪستان هونئن ته بحرانن ۾ خودڪفيل آهي. اڃا هڪڙي بحران مان جند ڇٽي ئي مس ٿي ته ٻيا بحران قطارون ڪري ٻنهيءَ ٻاهران بيٺل هوندا آهن. بحرانن جي "آوت جاوت" جو انت اڃا نه سگهيو آهي. حقيقت ۾ پاڪستان جا ٻه مکيه بحران آهن. هڪ معاشي بحران ۽ ٻيو تحفظ جو بحران. معاشي بحران جو وجود ته مڃيو وڃي ٿو، ڪشتو ڪٿي عالمي ادارن کي قرض لاءِ اپلاءِ ڪري بحران ٽارڻ جون ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون. پر تحفظ واري بحران جو ته اقرار ئي نٿو ڪيو وڃي. ماضيءَ ۾ عالمي طاقتن جي مفادن جي جنگ وڙهندي اسان جي پنهنجي سرزمين ان جنگ جو ميدان بڻجي وئي ۽ جنهن جنگ جا نتيجا هي ملڪ اڃا تائين ڀوڳيندو پيو اچي. وڌيڪ ڪسر گذريل حڪومت پوري ڪري ڇڏي. جنهن "وار لارڊز" ۽ ويڙهاڪن کي الهندي سرحد تان ڪي پي ۽ قبائلي علائقن ۾ اچڻ جي "راهداري" ڏئي ڇڏي ۽ پوءِ سڀني ڏٺو ته انهن باجوڙ ۾ ڪهڙي حالت ڪئي ۽ باجوڙ جي عوام جي ڏکهي ۽ شديد احتجاج ڪانپوءِ مس مس حڪومت انهن کي اتان ڪڍڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. هن وقت به ملڪ ۾ دهشتگردن جون نرسريون آهن. جتان دهشتگرديءَ جي رٿابندي ۽ تڪميل ٿيندي رهي ٿي. منظم رٿابنديءَ سان سيڪيورٽي فورسز تي حملا ٿي رهيا آهن. اسان کي پنهنجي ملڪ اندر ئي جنگ ۾ مصروف ڪيو ويو آهي. اهي وسيلا، جيڪي ملڪي ترقي ۽ عوام جي خوشحاليءَ تي خرچ ٿيڻ گهرجن. اهي ان ويڙهه تي خرچ ٿي رهيا آهن. مڃيون ٿا ته، هي خطو عالمي قوتن جي مفادن جي جنگ جو ميدان هجڻ ڪري ٻاهريون هٿ به ان دهشتگرديءَ ۾ ملوث هجڻ کي رد نٿو ڪري سگهجي، پر ڇا اسان ملڪي وسيلا اهڙي قسم جي جنگين تي خرچ ڪندا رهنداسين؟ ڇو نٿي ملڪ جي پرڏيهي پاليسيءَ تي نظرثاني ڪئي وڃي ۽ ماضيءَ جي ترجيحن جو طوق لاهي ڦٽو ڪيو وڃي.

هن وقت ڪو به دهشتگرد گروهه اڪيلو ڪارروايون نٿو ڪري. اهو مربوط رابطه ڪاريءَ جي وسيلي ڪنهن نه ڪنهن عالمي نيٽ ورڪ سان سلهاڙجي چڪو آهي. ان ڪري ڪنهن به واقعي کي محض مقامي تناظر ۾ ڏسڻ به درست نه آهي. جڏهن به ڪو دهشتگرديءَ جو واقعو ٿئي ٿو ته ان ۾ هڪ واضح پيغام هوندو آهي ۽ سيڪيورٽي ادارا ان کي "ڊي ڪوڊ" ڪري سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. باجوڙ ۾ جيڪا دهشتگردي ٿي آهي. ان جي ٽائيمنگ اهم آهي. اهو واقعو ان ڏينهن ٿيو آهي. جنهن ڏينهن چيني نائب وزيراعظم سي پيڪ جي 10 ساله تقريبن ۾ شرڪت لاءِ پاڪستان پهتل آهي. جڏهن اها ڳالهه واضح آهي ته سي پيڪ مخالف قوتون اڳرو تاثر ڏيڻ لاءِ ملڪ ۾ ڪا به تخريب ۽ دهشت جي ڪارروائي ڪري سگهن ٿيون. ان لاءِ سڄي ملڪ جي سيڪيورٽي ترجيح تي هجڻ گهرجي ها. پر ائين نه ڪيو ويو ۽ صرف اسلام آباد جي سيڪيورٽي لاءِ قدم کنيا ويا. اسڪول بند ڪيا ويا. جيڪو ڪجهه ڪافي نه هو. اهو ڄاڻندي به ته ملڪ مان ڪٿان به ڪنهن تخريب ۽ دهشت جي ڪارروائيءَ جي صورت ۾. ڪو اڳرو پيغام وڃي سگهي ٿو. تدبر واري رٿابندي نه ٿي سگهي.

ملڪ ۾ هميشه مينڊيٽ چورائڻ. مختلف سياسي ڌرين کي اليڪشن کان پري رکڻ. اليڪشن کان اڳ ئي ڌماڪن ذريعي خوفزده ڪرڻ جي ريت رهندي آئي آهي. پڙهندڙن کي ياد هوندو ته مشرف دور ۾ 2007ع واري عام چونڊن جي اليڪشن مهم دوران (جيڪي محترما بينظير ڀٽو جي شهادت کانپوءِ 2008ع ۾ ٿيون) پ پ پ کي آزاداڻي نموني اليڪشن مهم هلائڻ نه ڏني وئي. ڪارساز تخريبڪاريءَ سميت مختلف رڪاوٽون وڌيون ويون. اي اين پي کي تنگ ڪيو ويو ۽ هن ڀيري اليڪشن کان اڳ ئي باجوڙ ۾ جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي جلسي ۾ وڏي دهشتگردي ڪئي وئي. مينڊيٽ چورائڻ ۾ ملوث قوتن جي به اها ڪارروائي ٿي سگهي ٿي. باجوڙ ڌماڪي ٿي مختلف رخن ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي. ملڪ ۾ دهشتگرد نيٽ ورڪ خلاف فيصلائتي ڪارروائي ڪرڻ جي ضرورت آهي. رياست طرفان انهن کي "خراب" ۽ "سٺن" جي ڪيٽگرين ۾ ورهائي، پاڻ تان خلق ڪلاٽي هڪ ڊر لاءِ نرم گوشو رکڻ واري پاليسي ترڪ ڪرڻي پوندي. دهشتگردن جي نرسرين کي ختم ڪرڻو پوندو. غير قانوني طور تي ترسيل ڌارين. افغان پناهگيرن کي واپس سندن ملڪ اماڻيو وڃي.

****

ڳالهيون ڳنوارن جون ڪاري جي مهاڻي منڙي ماءُ جي ڪهاڻي

مشتاق باگاڻي

انتهائي غربت، بيوسي ۽ لاچاري جي ڪري جنهن معاشري ۾ ڌيئرن جو جمڻ ڪو سٺو سنئوڻ نه سمجهيو ويندو هجي، اتي ڌيءَ جي جمڻ سان ئي ماءُ جي سورن جي شروعات ٿي ويندي آهي. لک لاڪيٽن لڪڻن واري نياڻيءَ لاءِ به اهو سمجهيو ويندو آهي ته، فطرت نير يا ڪامڻهن جي ٻج مان ناهيل نيري مس سان هن جي تاريڪ مستقبل جون پوٿيون لکي ڇڏيون آهن. ڪاري جي نياڻي پيراگهاڙا ڪري، اگهڙا ڪپڙا پائي، سر نالين جو گدلو پاڻي پي، سرءُ جي تاپولين ۽ چٽي جي بخارن مان چڙهي، جڏهن جوان ٿئي ٿي، ته ماءُ کان سواءِ هن جو ڪير به همدم، رازدان ۽ سهارو ڪونه هوندو آهي. پوءِ سڏڪندڙ ڌيئرن جا سور مائرن کي سانڍڻا پوندا آهن. پيئر ته اٿيو ڏڻ آهي. هو پنهنجن پٽن کي پالي جوان ڪندا آهن ته جيئن اهي سندن پيريءَ جو سهارو بڻجن. شامون اڪثر اداس ٿينديون آهن. شامڙي جو جڏهن پيءُ ۽ پٽڙا رڇ پوکڻ ويندا آهن ته پويان مائرون ۽ ڌيئرون گند سڪائڻ. سڪل گند گڏ ڪرڻ ۽ رڇن جي مرمت ڪندي گذارينديون آهن. مرجهايل چهرن تي اداسائي ڇانيل هوندي آهي. هنن جي حساسيت ختم ٿي ويل هوندي آهي. درد جو احساس مٽجي ويندو آهي. هنن کي اها سڌ به نه رهندي آهي ته ڪيڏي مهل ڪلٺو آهي ته ڪيڏي مهل روٺو آهي.

بک، بدحالي، بيوسي ۽ غربت ۾ مان، مريادائون، ڀاونائون ۽ تمنائون تمام ٿي وينديون آهن. هنن جا سڀ ارمان ۽ آسون هوا ۾ اڏامندڙ ڪنهن سڪل پن وانگر اڏامي الائي ڪيڏانهن هليون وينديون آهن. بس هو هڪ ٿڌي گوشت جو ساهه ڀريو لوٿڙو هونديون آهن. جڏهن ڪو ارمان دل ۾ اڌما ڏيندو آهي ته. ڌيئر مائرن ڏانهن نماڻيون اکڙيون کڻي نهارينديون آهن ۽ مائرون منهن ڦيرائي. لڙڪ لاڙي، ٿڌا ساهه ڀري، ڳالهه مٽائي. ڪُني ماني ڪرڻ يا ڪنهن ڍاڙي تي ڪنهن قبر يا درگاهه تي وڻي وڃڻ جا وچن ڏيئي، کين پرچائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن.

هو سانجهائي مهل سوير مردن کان به اڳ اٿنديون آهن. سياري جي ٻاهه ۾ ٽانڊو ٻاري ڪاري چانهن تيار ڪنديون. جيئن مڙسالا اها پي رڇ سارڻ وڃن. ڏنڊن جي ٻڙي جهڙي بيٺل ٿڌي پاڻيءَ ۾ ترين ۽ ٽنبين تي ترڳندي رڇ سارينداءِ مڇي ڪيندا رانهن ۾ پوئيندا ويندا آهن. سمورا رڇ ساري ڳنگاٽجي جڏهن ٻاهر نڪرندا آهن ته اترجي ساڙيندڙ هوا ۾ ڏڪندڙ لڱن سان پوئتي موٽندا آهن. ڪي وري ٽانڊو ٻاري هٿ سيڪي اٿندا آهن. پسيل ڪپڙن سان پکڙن ۾ پهچي. شڪار کي مارڪيٽ پهچائڻ جو سعيو ڪندا آهن. بکئي پيٽ گهران نڪري، ڪيئن به ڪري شهر پهچڻو هوندو آهي. مڇي نيلام تي چڙهي. سيٺ قرض ڪٽيو جي ڪجهه بچيو ته هنن جي هٿن ۾ ايندو. نه ته نئين سئين اڌار. اٽي جو سير وٺي پکڙن پڄندا آهن. هر ڳوٺ جي ٻاهران ڪانه ڪا هوٽل هوندي آهي. جتي اڌار تي چانهن جو ڪنڌو به هلندو آهي. چانهن به پئي هلندي ته تاس راند به ڪڏبي. اها آهي انڊس ڊيلٽا يا ڪاري جي ڪنهن غريب بيوس لاچار مهاڻي جي خاندان جي گذرندڙ زندگيءَ جي هڪ جهلڪ.

ڪيڏي نه معصوم پاڪ ۽ نازڪ فطرت جي ڏياٽي آهي ماءُ جي شخصيت. پنهنجي مڙس تي نظر پوندي ئي ڳنيير ٿي ويندي آهي. جوان پٽڙي ڌي نهاري هن جي سڪل چهن تي مرڪ اچي ويندي آهي ۽ وهي چڙهيل. ڦولاريل جوانيءَ واري ڌيءَ کي ڏسي اداس ۽ ملول ٿي ويندي آهي. هن جي غير يقيني ۽ مايوس مستقبل تي سوچي اندر ئي اندر ۾ ڏکي ويندي آهي. غربت ۾ سڀ عيب اگهاڙا ٿي پوندا آهن. ڪاري جي ماءُ خاص طور تي مي مهاڻي دردن جو پيڪر هوندي آهي.

لاڙي عورت مڙس سان گڏ ڪم ڪندي آهي. ننڍن ساموندي ڍورين، چرن ۽ سر نالين تي هوءَ مڙس سان گڏجي رڇ پوکيندي ۽ سانجهائي مهل سارينديءَ ڏسبي آهي. واپسي ۾ لين، ٽارن يا تمرجي وڻن جون سڪل ڪاٺيون يا چينيا ميڙڻ ڪانه وساريندي آهي. ڇاڪاڻ ته هن کي گهر اچي ڪُني مانيءَ جي به ڪرڻي آهي. مختصر خاندان به پٽڙا، چار ڌيئر، ٻه زال مڙس هجن ته به ويلي تي اٽي جو سير ته گهرجي. اڄ ڪلهه ڪارائي چانورن جو اٽو ڏيڍ سئو روپين ۾ هڪ ڪلو ٿو وڪامي. رُڪي ماني نڙيءَ مان ڪانه گهڙبي. لوجهرين جي ترڻ لاءِ به ڊالڊي جي ضرورت پوندي آهي. اهو هاڻ پنجاهه روپين ۾ ڏُڪي جيترو مس ٿو ملي. ماني ڪائي لاٽي، ته مٽي جي سور جي ٽڪي ۽ ان سان گڏ چانهن جي ٻاڙ، مٽي کي پنواٽيون پئي ڏياريندي. مٿان وري پان سوپاري يا اڄ ڪلهه گٽڪي جو مرض.

1970ع واري ڏهاڪي ۾ نٽي گهٽو وڃڻ ٿيندو هو مارڪيٽ ۾ وڏڙيون مڇيءَ جون ڪاريون پري وڪڻڻ لاءِ اچي ويهنديون هيون. انهن کي ڏسي لطيف سرڪار جون هي سٽون ياد اچي وينديون هيون:

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪُوڙيون، مور نه موچاريون،
وڻي ويٺيون واٽ تي، ڪڪيءَ جون ڪاريون،
اڻي جون آريون، سمي ري ڪير سهي!

ڪراچي فشريز ۽ مياڻي مارڪيٽ ۾ به وڏڙيون مڇي وڪڻندي ڏسبيون هيون. اهو لقاءُ چوهڙ ۾ به ڏسبو هو. گدو بندر جي ته ڳالهه ئي اور هئي. مائرون پلن جون ڪاريون پري بندر تي اچي ويهنديون هيون. گفتگو ٿيندي هئي، "ابا، مهانگائي جي ٻاهه ٻري وئي آهي. ان جو مڻ ٽيرنهن روپيا ٿي ويو آهي. ڪنڊ هڪ رپئي مان وڌي سوا روپيو سير ٿي وئي آهي. اسين به هاري (هڪ آنيارو ۽ هڪ ڪيرو پلو) پنجن روپين کان گهٽ ڪونه ڏينديونسين." لاڙ جي لڳ ڀڳ سمورن شهرن ۾ ڪي وڏڙيون پوٽيون وڇايو، ان جي مٿان ٻهه، گند، پٻڻ، لوڙهه ۽ ٻوري وغيره رکيو ويٺيون وڪڻنديون هيون. ويجهي چڪ يعني 1990ع واري ڏهاڪي جي ڪاري جي مشهور ڍنڍن سانيڙ. ڪانگن ڪاڏي وغيره تي پکين جي شڪار تي وڃبو هو ته ڪنڌيءَ سان پکڙن ۾ عورتون تنئوريون ناهيندي ڏسبيون هيون. تمر جي وڻن جو پن پراٽو (Fodder)مال لاءِ ميڙيندي به اسان وڏڙين کي ڏٺو. ڳالهه ڪتائٽي ته لاڙ جون عورتون مردن سان گڏ پورهيو ڪنديون آهن.

اسان اڳي ڳالهه ڪئي هئي ته جيڪي مرد. خلاصي طور ڪم ڪرڻ لاءِ ڪراچي فشريز. ابراهيم حيدري. ريڙهي مياڻ يا ٻين بندرن تي ويندا آهن. انهن جا ٻيڙا 15 کان 20 ڏينهن يا گهٽ وڌ عرصو کلئي سمنڊ ۾ گذاريندا آهن. واپسيءَ تي شڪار جي حساب ڪتاب مان جيڪا به پتي ملي، ڳنڍ ۾ ٻڌي ڳوٺ موٽندا آهن. اهي به هفتو ڏيڍ ڳوٺ ۾ رهڻ دوران واندا هوندا آهن. ڪي ڪمائو پٽ اهو عرصو ڪاٺيون ڪپي وڪڻندا آهن يا ڪوئلو ناهي فروخت ڪندا آهن. هوند ۽ سرنديءَ وارن جون عورتون شادي مرادي وهانءَ ڪاڄن تي سنبرڻ لاءِ ورن سان انگل آرا به ڪنديون آهن. انهن لاءِ ڪپڙو لتو. تيل سرمو، مساڳ. اڳٺ پٽاڙون. روا رومال خريد ڪري ايندا آهن. عورتون پرت پرڻ جون به پڙ هونديون آهن. رون تي ربينون، رومالن تي ڦل، چولن تي ٽڪي جو پرت ۽ هرمچا وغيره ناهبا آهن. وار سينگاربا. مٿو ڳنڌبو يا ٻه چوٽيون ناهبيون. ڪي جوان ڇوڪريون وارن جي چڳ ڪي ڇهري جي هڪ پاسي لاڙي ڇڏينديون آهن. شادين ۾ سهرا. ڳيچ ڳائبا آهن. پٽ جمڻ تي خوشي ڪبي. ڌيءَ جمڻ تي خاموشي اختيار ڪبي. زندگيءَ جي گاڏي ڪي گهلي عمر پوري ڪبي ۽ ويندڙن لاءِ لڙڪ لاڙيا. لحد ۾ لهڻ کان پوءِ پيارن لاءِ پار ڪڍي روئبو

اها آهي ڪاري جي منڙي ماءُ جي ڪهاڻي.

****

ظاهر ۾ زاني، فِڪرَ منجهه فنا ٿيا؛
تنين کي تعليم جِي، ڪُڙهِ اندر ڪانِي؛
حرفُ حَقّانِي، دورُ ڪيائون دل ۾.

سنڌ ۾ صنعتي بحران ۽ حڪمرانن جي لاتعلقي

علي اختر بلوچ

ان کي بدقسمتي چئجي ته 1973ع ۾ خانگي ادارن کي نيشنلائيز ڪرڻ کان پوءِ آهستي آهستي انهن ۾ هڪ اهڙي خرابي پيدا ٿي، جيڪا اڄ تائين ختم نه ٿي سگهي آهي، جڏهن ته ان کان پوءِ ايندڙ حڪومتن انهن جي بحاليءَ لاءِ ڪيترائي قدم کنيا، جن ۾ انهن کي اصل مالڪن ڏانهن واپس آڻڻ سميت نوان صنعتي ادارا قائم ڪيا ويا ۽ ڪمرشل زون به قائم ڪيا ويا آهن، اربين روپين جا قرض جاري ڪيا ويا آهن، جيڪي اڄ ڪربين روپين تائين پهچي ويا آهن، جيڪي ادا نه ڪيا ويا آهن. ان سان گڏ هزارين صنعتي يونٽ بند ٿي ويا آهن، لکين ماڻهو ۽ ماهر پورهيت بيروزگار ٿي ويا آهن. ملڪ جا وڏا صنعتي ادارا جيڪي سنڌ صوبي ۾ آهن، سنڌ جي حڪمرانن کي خبر ناهي ته ملڪ جي قومي صنعتي ادارن سان ڇا ڪيو پيو وڃي. مثال طور پاڪستان اسٽيل مل جي 4457 ايڪڙ زمين تي اسٽيل ملز جو پروڊڪشن پلانٽ قائم آهي. جڏهن ته 8 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ ايراضي اسٽيل ملز جي رهائشي ڪالوني اسٽيل ٽائون شپ لاءِ مخصوص آهي. پاڪستان اسٽيل ملز 2007ع کان مسلسل خساري ۾ رهي آهي، جڏهن ته اڳ اها منافعي ۾ هئي. اهڙي طرح پورٽ قاسم، جنهن کي ماضي ۾ محمد بن قاسم پورٽ جي نالي سان سڃاتو ويندو هو پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو هي ملڪ جو سڀ کان وڏو بندرگاهه آهي، جيڪو ملڪ جي معيشت ۾ وڏي اهميت رکندڙ آهي ۽ پرڏيهي مٽا سٽا جي مجموعي ساموندي واپار جو 51 سيڪڙو حصو ڏئي ٿو پورٽ قاسم 15474 ايڪڙن تي پکڙيل پاڪستان جو سڀ کان وڏو صنعتي زون آهي. ان ۾ 400 کان وڌيڪ صنعتي/تجارتي يونٽ ڪم ڪري رهيا آهن. ڪراچي شهر ۾ ڪي- اليڪٽرڪ کي 2005ع ۾ پرائيويٽ ڪيو ويو. ڪمپني موجب، هي پاڪستان جو واحد علائقو آهي، جيڪو 6500 ڪلوميٽر جي علائقي ۾ بجلي فراهم ڪري ٿو. ڪمپني ۾ سيڙپڪارن جو هڪ ڪنسورشيم، جنهن ۾ سعودي عرب جي الجماع پاور لميٽيڊ، نيشنل انڊسٽريز گروپ (هولڊنگ)، ڪويت، ۽ انفراسٽرڪچر اينڊ گروٿ ڪيپيٽل فنڊ (IGCF)شامل آهن. ان کان علاوه پاڪستان حڪومت ڪمپني ۾ 24.36 سيڪڙي جي مالڪ آهي. ان جي صنعتي زونن ۾ لڳ ڀڳ 3000 ميگاواٽ بجلي پيدا ٿي رهي آهي. اهڙي طرح فرٽيلائيزر، سيمينٽ، گارمينٽس، دواسازي مطلب ته پاڪستان جون ٻيون وڏيون صنعتون به بحران جو شڪار آهن. اهو مسئلو رڳو ڪپڙي جي صنعت جو ناهي. انهن سڀني جي پيداواري صلاحيت ۾ مسلسل گهٽتائي ٿي رهي آهي ۽ اهي يونٽ بند ٿي رهيا آهن. ٽويوٽا، هنڊا ۽ سوزوڪي موٽرز ڪراچي ۾ پنهنجون پروڊڪشن لائينون اڪثر بند ڪري رهيون آهن. جنهن سبب ملڪ ۾ بيروزگاري وڌي رهي آهي.

رڳو ڪراچي ۾ لڳ ڀڳ 50 هزار ننڍا وڏا ڪارخانا آهن، جن ۾ لڳ ڀڳ 12 هزار فيڪٽريون ليبر ڊپارٽمينٽ پاران رجسٽرڊ ٿيل آهن. انهن ادارن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جو انگ 50 لک کان مٿي ٻڌايو وڃي ٿو جن مان رجسٽرڊ مزدور 3 لک به نه آهن. هتي ٽيڪسٽائيل، گارمينٽس، هوزري، پاورلومز ۽ ماربل جا شعبا آهن. ٽيڪسٽائيل ۾ سڀ کان وڏو مثال گل احمد ٽيڪسٽائل ملز آهي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ 15000 مزدور آهن ۽ 500 جي لڳ ڀڳ رجسٽرڊ ورڪرز آهن. آرٽسٽڪ ملينرز جا شايد 8 يونٽ آهن ۽ انهن ۾ 10 هزار کان وڌيڪ مزدور ڪم ڪري رهيا آهن. پر رجسٽرڊ مزدورن جو تعداد اٽي ۾ لوڻ جي برابر به نه آهي. دواسازي جي فيڪٽرين ۾ لڳ ڀڳ 2 کان اڍائي لک مزدور آهن ۽ رجسٽرڊ مزدورن جو تعداد صرف چند هزار آهي. اهڙي طرح پاور لومز ۽ ماربل سيڪٽر جا ننڍا ڪارخانا آهن، جن جو ڪو به رڪارڊ ناهي. بيڪرين، وڏن شاپنگ مالز جهڙوڪ ميٽرو، امتياز، چيزاپ وغيره ۾ هزارين مزدور ڪم ڪري رهيا آهن، انهن جو ڪو به رڪارڊ ناهي. اسان جي ملڪ ۾ سڀ کان اهم مسئلو اهو آهي ته اسان جا مزدور قانون جي ڪتابن تائين محدود آهن. ڏک جي ڳالهه اها آهي ته ان تي عمل نه ٿو ٿئي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي حڪومتي ميمبرن جي اڪثريت فيڪٽري مالڪن جي آهي ۽ اهي به نه ٿا چاهين ته پلٽيو پيل طبقي کي اٿارين. اهي ملازمن کي پرتي ڪرڻ ۾ ملازمن جي مدد ڪن.

حڪومت کي گهرجي ته هنگامي بنيادن تي ڪاروباري برادري سان گڏجي ٽاسڪ فورس ناهي صنعت کي بند ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ته جيئن وڏين صنعتن کي بحران مان ڪڍي سگهجي.

بقايا 01

فيصلو ڪيو آهي ته اهو بل پيش نه ڪيو ويندو، اعظم نذير تارڙ وڌيڪ چيو ته بهتر ٿيندو ته آدمشماري جي معاملي تي گڏيل مفادن جي ڪائونسل ۾ هڪ دفعو ٻيهر ڳالهيون ڪري ان جو آئيني حل ڳوليو وڃي ياد رهي ته سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي پرتشدد انتهاپسندي کي روڪڻ جو بل ميمبرن جي سخت مخالفت کان پوءِ ڊراپ ڪري ڇڏيو هو

بقايا 02

جي فوجي عدالتن ۾ ٽرائل خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ وڪيل فيصل صديقي دليل ڏيندي چيو ته فل ڪورٽ سان بينچ جي جوڙجڪ تي اعتراض به ختم ٿي ويندا. فيصل صديقي چيو ته اٽارني جنرل يقين ڏياريو آهي ته هن ڪيس دوران ڪنهن سويلين جو فوجي ٽرائل نه ٿيندو. ڪجهه ججز ٻڌڻي کان معذرت ڪن ته بقايا ججز جو فل ڪورٽ ناهي سگهجي ٿي جيڪي حڪومت طرفان بينچ تي اعتراض اٿاريا ويا آهن ان سان ڪريه تعلق نه آهي. 3 ججز ڪيس جي ٻڌڻي کان معذرت ڪئي جنهن کان پوءِ هو فل ڪورٽ جو حصو نٿا ٿي سگهن فيصل صديقي جي دليلن تي جسٽس يحيٰ آفريدي چيو ته 3 ججز ڪيس ٻڌڻ کان معذرت نه ڪئي آهي. موجوده ڪيس ۾ صرف هڪ جج ڪيس ٻڌڻ کان معذرت ڪئي آهي. ڪيس ٻڌڻ کان معذرت نه ذاتي سببن جي آڌار تي به ڪئي ويندي آهي. جسٽس مظاهر چيو ته اوهان هن وقت فل ڪورٽ جو مطالبو ڪري رهيا آهيو جڏهن اوهان پنهنجي درخواست تي دليل ڏئي چڪا آهيون. فيصل صديقي جا دليل مڪمل ٿيڻ تي چيف جسٽس چيو ته درخواستگذارن طرفان فل ڪورٽ جي اها بهترين درخواست آهي. بهتر ٿيندو ٻين درخواستگذارن کان به فل ڪورٽ تي موقف ورتو وڃي. ان موقعي تي درخواستگذار اعتزاز احسن روسٽرم تي اچي ويو ۽ چيو ته اهڙي قسم جي درخواستن جو دير سان اچڻ ڪيس جي مقصد کي مڪروهه ڪرڻ جي برابر آهي. مون کي هن بينچ ۽ سپريم ڪورٽ تي مڪمل ڀروسو آهي مارشلا ۾ به عدالتن ۾ پيش ٿيندو رهيو آهيان. ڀهريان 7 ججز معاملي ۾ 4-3 جو تڪرار بڻايو ويو. عدالت کي هن ڪيس جو فوري طور تي فيصلو ڪري تڪرارن جو رستو بند ڪرڻ گهرجي. ٻڌڻي دوران لطيف کوسه دليل ڏيندي چيو ته چاهيون ٿا ته فل ڪورٽ ڪيس ٻڌي پر اهو ٽيڪنيڪي بنيادن تي ممڪن نه آهي. حڪومت طرفان هن ڪيس جو مذاق بڻايو پيو وڃي. پنهنجي 50 سالن جي وڪالت جي تجربي ۾ اهڙيون حالتون ڪڏهن ناهن ڏٺيون. ججز ۾ ورهاست بابت سڄي دنيا کي خبر آهي. اهڙي صورتحال ۾ فل ڪورٽ جي درخواست صرف وقت کي ضايع ڪرڻ جي برابر آهي. ان موقعي تي سلمان اڪرم راجه چيو ته اهو بهترين موقعو آهي سپريم ڪورٽ فوجي عدالتن بابت هڪ ڀيرو ٽي فيصلو ڪري ڇڏي ملڪي تاريخ ۾ ڀهريون ڀيرو اختيار عدالت جي هٿ ۾ آهي. ان دوران سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن فل ڪورٽ ناهڻ جي مخالفت ڪئي. وڪيل عابد زبيري چيو ته بار کي به هن بينچ تي مڪمل ڀروسو آهي. ٻڌڻي دوران فيصل صديقي ۽ زمان وردگ کان سواءِ سمورن درخواستگذارن فل ڪورٽ جي مخالفت ڪري ڇڏي جڏهن ته پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل به فل ڪورٽ ناهڻ جي مخالفت ڪئي. جنهن کان پوءِ عدالت فل ڪورٽ جي معاملي تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو چيف جسٽس پاڪستان چيو ته اڃان هن معاملي تي مشاورت ڪنداسين جيڪڏهن ٿوري دير ۾ مشاورت مڪمل ٿي وئي ته 15 منٽن ۾ مناسب راءِ کان آگاهي ڏينداسين جيڪڏهن مشاورت مڪمل نه ٿي ته سڀاڻي آگاهه ڪيو ويندو. ٻئي طرف ڪورٽ ايسوسي ايٽ چيو آهي ته هن ڪيس جو فيصلو سڀاڻي ٻڌايو ويندو ۽ ڪيس بابت ڪاز لسٽ جاري ڪئي ويندي.

بقايا 03

ڪري ڇڏيو آهي. شرجيل انعام ميمڻ موجب نئون روٽ آر 12 ڪوڪرا پار مليرڪان صدر 35 ڪلوميٽر تي ٻڌل هوندو. روٽ آر 12 تي بس سروس اڄ ڏينهن جو 3 وڳي کان باضابطه طور شروع ڪئي ويندي. ٽرانسپورٽ کاتي جي وزير موجب بس سعود آباد، ڪالا بورڊ، قائد آباد، لانڍي، ڪورنگي، تيمور آباد ۽ ايف ٽي سي کان گذرندي شرجيل ميمڻ چيو ته حڪومتي مدي جي خاتمي باوجود نئين بسز جي اچڻ جو سلسلو جاري رهندو. سنڌ جي عوام ايندڙ نئين بسز کان جلد فائدو حاصل ڪري سگهندي. ٽرانسپورٽ واري وزير وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت جو مقصد شهرين کي آسان ۽ آرام ڏيندڙ سفري سهولتون ڏيڻ آهي. نئين روٽ سان ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽ ٿيندو ۽ هزارين ماڻهن کي فائدو ٿيندو.

بقايا 04

ڪري ڇڏي آهي. گڏيل قومن جي سيڪيورٽي ڪائونسل طرفان جاري ڪيل بيان ۾ باجوڙ ڌماڪي ۾ پاڪستان جي حڪومت ۽ ڌماڪي ۾ فوت ٿي ويلن جي وارثن سان تعزيت جو اظهار ڪيو ويو آهي. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته هر قسم جي دهشتگردي عالمي امن جي لاءِ سنگين خطرو آهي. سيڪيورٽي ڪائونسل سمورن لاڳاپيل ملڪن کان باجوڙ واقعي جي ڏوهارين خلاف فيصلو ڪندڙ ڪارروائي ڪرڻ تي زور ڏيندي چيو آهي ته واقعي ۾ ملوث سمورن ڪردارن، مالي مددگارن ۽ سهولتڪارن کي جلد کان جلد انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ گهرجي. گڏيل قومن جي سيڪيورٽي ڪائونسل چيو آهي ته سمورا لاڳاپيل ملڪ عالمي قانون ۽ سلامتي ڪائونسل جي قراردادن جي تحت پنهنجي ذميوارين موجب ڏوهارين کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ ۾ پاڪستان جي حڪومت سان تعاون ڪن.

بقايا 05

کي خطاب ڪندي چيو ته ملڪ ۾ سيڙپڪاري دوست نظام کي يقيني بڻائينداسين. اهڙو نظام ضروري آهي جتي آسان شرط هجن ۽ غير ضروري التوا کان بچي سگهجي. خدا به انهن جي مدد ڪري ٿو جيڪي پنهنجون حالتون تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اسان پاڪستان کي ترقيءَ جي ڏگ تي آڻڻ چاهيون ٿا. آرمي چيف چيو ته سوره رحمان ۾ رب پاڪ فرمايو آهي ته اوهان پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کان انڪار ڪندو. آرمي چيف قرآن پاڪ جو حوالو ڏيندي چيو ته رب پاڪ انهن جي مدد ڪندو آهي جيڪي پنهنجي مدد پاڻ ڪندا آهن. آرمي چيف وڌيڪ چيو ته ساحلي پٽي کان ميداني علائقن تائين هن زمين ۾ ڇا ڪجهه نه آهي. اسان سڀني جي معاشرتي ذميواري آهي ته اسان ملي ملڪ جي معيشت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون. هن چيو ته سرمائيڪار اهڙي ڀروسي سان هتي ايندا ته فوري فيصلا ٿيندا. انهن جي سرمائيڪاري ضايع نه ٿيندي. ملڪ ۾ اڪنامڪ گروٿ ٿيندي هنن جي مائننگ لائسنسنگ ۾ ڪنهن به قسم جي رنڊڪ نه ٿيندي. پرڏيهي سيڙپڪار هتي هڪ نئين اقتصادي ٽيڪنالاجي کڻي ايندا صنعتون ناهيندا. جنهن سان اسان جي ماڻهن جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو. مقامي ماڻهن جا مسئلا حل ٿيندا. روزگار جا ذريعا وڌندا ۽ منرلز کي ترقي ملندي.

بقايا 06

وزير معدني وسيلن جي اهميت تي بهترين ڳالهيون ڪيون. سعودي وزير جي پاڪستان بابت جذبات جو قدر ڪريون ٿا. وزيراعظم چيو ته 70 جي ڏهاڪي ۾ روس جي ڀائيواري سان پاڪستان اسٽيل مل جو قيام عمل ۾ آندو ويو. ڪرپشن هن شعبي جي ترقي ۾ وڏي رڪاوٽ بڻي. نيب به ماڻهن کي سياسي انتقام جو نشانو بڻائيندو رهيو ڪرپٽ ماڻهن جي ڪرپشن کي نظرانداز ڪيو ويو. مسئلن جو غير روايتي حل ڏيندڙ ماڻهن کي نيب جو شڪار ڪيو ويو. وزيراعظم چيو ته اسان پاڪستان سان 75 سال ظلم ڪيو آهي. غريب عوام سان زيادتي ڪئي وئي انهن کي حق نه ڏنا ويا. بدقسمتي سان اڄ معاشرو ورهائجي چڪو آهي. مون ماضي ۾ به هميشه پنهنجي داستان سامهون رکي آهي. شهبازشريف وڌيڪ چيو ته اسان کي هن مهيني پنهنجو مدو پورو ڪري گهر وڃڻو آهي. اسان کي ماضي جي غلطين مان سبق سکي اڳيان وڌڻو آهي. سخت ۽ جذبي سان اسان پنهنجو منزل حاصل ڪري سگهون ٿا. اسان کي پنهنجو وقت توانائي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ خرچ ڪرڻو آهي.

بقايا 07

جي ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي فواد چوڌري چيو ته ايترين رنجشن ۾ اسان اڳيان ڪيئن وڌنداسين ڇو ته هن وقت صورتحال معمول موجب نه آهي ان لاءِ چونڊن کان وڌيڪ اهم آهي ته اسان ملڪ جون حالتون معمول تي آڻيون. فواد چوڌري چيو ته پي ٽي آءِ، چيئرمين ۽ اسٽيبلشمينٽ جي وچ ۾ رنجشن کي گهٽ ڪيو وڃي. پي ٽي آءِ، چيئرمين ۽ نوازشريف وچ ۾ رنجشن کي گهٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيستائين اهي رنجشون گهٽ نه ٿينديون پاڪستان ۾ چونڊون ڪرائڻ ممڪن نه ٿيندو. چونڊون ٿي به وڃن ته اهڙي صورتحال ۾ مسئلا ڪيئن حل ٿيندا. اڳوڻي وزير چيو ته پاڪستان اندر جمهوريت ۽ چونڊن جو ماحول نه آهي. هن وقت فيصلو ڪرڻ جي ضرورت آهي ته پاڪستان کي ڪيئن نارمل ڪرڻو آهي ان لاءِ چونڊن کان اڳ ميثاق جمهوريت ڪيو وڃي. ميثاق جمهوريت سان پي ٽي آءِ، چيئرمين اسٽيبلشمينٽ ۽ نوازشريف ۾ رنجشون گهٽ ٿين. اهڙي چونڊن جو ڪهڙو فائدو جنهن سان مسئلا حل نه ٿين ان کان بهتر آهي ته مجلس شوريٰ ناهي وڃي. فواد چوڌري وڌيڪ چيو ته شهبازشريف ۽ راجا رياض جي مرضي سان حڪومت بڻجندي ۽ هو چونڊون ڪرائيندا. پاڪستان جي مسئلن تي ته اسان ڳالهائڻ لاءِ تيار نه آهيون اسان جا پاڻ ۾ جيڪي جهيڙا آهن اڃان تائين ان مان ئي ٻاهر نه نڪري رهيا آهيون. اهڙين اپاهج حالتن ۾ پاڪستان جو چونڊن طرف وڃڻ يا نه وڃڻ غير لاڳاپيل آهي ان لاءِ ٻهريان رنجشون ختم ڪرڻيون پونديون.

بقايا 08

، ناڻي واري وزير اسحاق ڊار پريس ڪانفرنس دوران تيل جي قيمتن ۾ واڌ جو اعلان ڪيو ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار موجب پيٽرول جي قيمت ۾ واڌ ڪان پوءِ في ليٽر پيٽرول جي قيمت 272.95 روپيه ٿي وئي آهي. اسحاق ڊار ٻڌايو ته هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ 19 روپيه 90 پئسا واڌ جو اعلان ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي نئين قيمت 273 روپيه 40 پئسا ٿيندي نيون قيمتون فوري طور تي لاڳو ٿينديون. اسحاق ڊار ٻڌايو ته گذريل رات پيٽروليم شين جون قيمتون مقرر ڪرڻيون هيون. عالمي مارڪيٽ ۾ ٻاهر واري تيل جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو آهي. جنهن کان پوءِ وزيراعظم شهباز شريف سان مشاورت ڪئي وئي جنهن کان پوءِ اهو فيصلو ٿيو ته قيمتن ۾ گهٽ کان گهٽ هيٺ مٿاهين ڪئي وڃي. ملڪي مفادن کي آڏو رکندي قيمتن ۾ واڌ ڪئي وئي. ناڻي واري وزير چيو ته اسان آءِ ايم ايف سان معاهدي ۾ آهيون. ان لاءِ اهڙا فيصلا ڪري سگهون جنهن سان ملڪ پريشاني جو شڪار ٿئي ملڪي مفاد کي سامهون رکندي پيٽروليم شين جون قيمتون وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. اسحاق ڊار چيو ته ماضيءَ ۾ به اهڙو مسئلو ٿيو ته حڪومت ويندي معاهدي کي پورو ڪيو اسان کي آءِ ايم ايف سان پيٽروليم ليوي بابت ڪميٽمينٽ ڪرڻي پئي.

بقايا 09

سگهي ٿو ته چونڊون ڏگهي وقت تائين ملتوي ٿي وڃن منظور وسان نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي چيو آهي ته عام چونڊون وقت تي ٿينديون نظر نه پيون اچن آهن ۾ دير ٿيندي. چونڊن جي التوا ۾ انٽرنيشنل طاقتن ۽ قرض ڏيندڙن جو اهم ڪردار ٿي سگهي ٿو ڪي سگهي ٿو ته چونڊون ڏگهي وقت تائين ملتوي ٿي وڃن ممڪن آهي ته نگران سيٽ اپ 3 مهينن کان 2 سالن تائين هليو وڃي صوبائي وزير چيو ته چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي خلاف متحده قومي موومينٽ پاڪستان، گرينڊ ڊيمو ڪريٽڪ الائنس ۽ جمعيت علماءِ اسلام جو الائنس به بڻجي سگهي ٿو الائنس ناهڻ ۾ مولانا فضل الرحمان جو اهم ڪردار هوندو. اسان جي خواهش آهي ته بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم بڻجي. منظور وسان وڌيڪ چيو ته مون کي ايندڙ ڏينهن بهتر نظر اچي رهيا آهن. هن هفتي ۽ ايندڙ 2 مهينن دوران وڏين مڇين جو احتساب ٿيندو. وزيراعظم يا وڏا وزير سياسي نه هوندا. ڪنهن به وقت وڏو سرپرائيز اچي سگهي ٿو.

بقايا 10

تاريخ وڌائي ڇڏي آهي. وفاقي حڪومت هميشه اسان جي ڳالهه ٻڌي آهي. مصطفيٰ ڪمال چيو ته وزيراعظم اسان جي ڳالهه ٻڌي ۽ ان تي ڪارروائي به ڪئي وئي. وفاقي حڪومت جون 32 ٽيمون ڪراچي آيون ۽ اسان جي شڪايتن جو جائزو ورتو. اسان جون شڪايتون درست ثابت ٿيون. هن چيو ته مردم شماري جو سمورو عمل ڪجهه مهينا اڳ مڪمل ڪيو ويو هو. ڪراچي ۾ گذريل آدمشماري ۾ به گهٽ ڪجهه ٿيو. آصف زرداري ايوان ۾ چيو هو ته ڪراچي جي آبادي 30 ڪروڙ کان گهٽ ناهي. ايم ڪيو ايم اڳواڻ چيو ته مردم شماري جي نتيجن موجب ڪراچي جي آبادي ۾ 11 سيڪڙو اضافو ٿي رهيو آهي. سڄي ملڪ مان ماڻهو ڪراچي اچي رهيا آهن ۽ آبادي رڳو 11 سيڪڙو وڌي رهي آهي. ڪراچي جي آبادي ۾ 11 سيڪڙو اضافو ته ٿيو مصطفيٰ ڪمال چيو ته صوبائي حڪومت جي ماتحت ادارن جي ڪري صورتحال ان حد تائين پهتي آهي. ڪراچي ۾ 16 هزار بلاڪ آهن. سمورن جا نتيجا گڏ ڪيا ويا آهن. عارضي نتيجن جو اعلان ٿيڻو آهي هن وڌيڪ چيو ته مان چونڊن جي تاريخ وڌائڻ جي ڳالهه نه ڪري رهيو آهيان. اليڪشن ڪميشن لکيو آهي ته حد بندين لاءِ 4 مهينا گهربل آهن. مصطفيٰ ڪمال چيو ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي افرادي قوت وڌائي ۽ ڏينهن رات ڪم ڪري. چونڊن کي روڪڻ لاءِ ڪا به ڳالهه نه ڪري رهياسين. اليڪشن لاءِ سمورين تيارين ڪري رکيون آهن.

بقايا 11

زمان پارڪ ٻاهران ڪارروائي دوران پوليس تشدد جي ڪيس ۾ جوابدار جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا آهن. دهشتگردي توڙ عدالت جاچ آفيسر جي درخواست منظور ڪندي ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. جاچ آفيسر جو چوڻ آهي ته جوابدار گرفتاري کان بچڻ لاءِ روپوش ٿي ويو آهي.

بقايا 12

۾ اسڪولن ۾ پڙهائي شروع نه ٿي سگهي، ڪيترن ئي شهرن ۾ برسات ڪانپوءِ اسڪولن اندر پاڻي ڀريجي ويو آهي. لاڳاپيل انتظاميا پاران پاڻي نيڪال لاءِ ڪي به قدم ناهن کنيا ويا جڏهن ته برسات جي ڪري اسڪولن اندر ڇتين مان ڇاپڙ ڪرڻ جا واقعا به پيش آيا آهن. اسڪولن جي موڪلن دوران اسڪولن مان چوريون به ٿي چڪيون آهن.

بقايا 13

جي زد ۾ ايندڙن ۾ وڏا وڏا نالا شامل آهن جن سياسي اڳواڻ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ حاصل ڪري رٽرننگ آفيسر ڏانهن جمع نه ڪرائي هئي انهن ۾ فردوس عاشق اعوان، تيمور جتوئي فيملي، شوڪت بسرا، نوشيرلنگڙيال، ڪاشف نويد پنسوتا، ڊاڪٽر جاويد ڳنجال سميت ٻيا شامل آهن ذريعن موجب انهن سمورن اڳواڻن پارٽي ۾ ٻيهر شموليت جي لاءِ سينئر پارٽي اڳواڻن کان سفارشون ڪرايون آهن پر بلاول ڀٽو انڪار ڪري ڇڏيو آهي ته جيءُ آهي ته اهي سمورا اڳواڻ پيپلز پارٽي ڇڏي تحريڪ انصاف ۾ شامل ٿي ويا هئا. ب پ جي چيئرمين جي هدايت تي اميدوارن جي فهرست ۾ پارٽي ڇڏيندڙن جا نالا شامل نه ٿي پيا ڪيا وڃن نه انهن کي معافي نه ڏني ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اهڙي اعليٰ سطحي اجلاس ۾ آصف زرداري، يوسف رضا گيلاني، مخدوم احمد محمود، نيئر بخاري، عبدالقادر شاهين، رخسانه بنگش ۽ سينئر اڳواڻ شامل هئا.

بقايا 14

تي اثر پوندو ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي امين الحق چيو ته پيٽرول جي قيمت جو تعلق عالمي منڊي سان آهي. پيٽرول جي اگهن ۾ ڦيرڦار سڄي دنيا ۾ نظر اچي رهي آهي. هن چيو ته آصف زرداري ۾ چيو هو ته ڪراچي جي آبادي 3 ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي. ڪراچي ۾ مردم شماري جي تصديق جو عمل بهتر ڪيو ويو. آدمشماري سبب چونڊون ملتوي ٿيڻ تي ڪو مسئلو ناهي. امين الحق چيو ته ڪراچي جي آبادي 3 ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي. ايم ڪيو ايم چاهي ٿي ته چونڊون شفاف ٿين وفاقي وزير چيو ته پيپر ڪلچر جي خاتمي لاءِ 44 وزارتون آن بورڊ ڪيون ويون آهن. جن ۾ هاڻي ڊيجيٽل ڪم ڪيو پيو وڃي، سنڌ حڪومت جي ڪابينا کي به پيپرليس ڪيو ويو آهي.

بقايا 15

ڪي جي آءِ ٽي چوٿون ڀيرو طلب ڪيو آهي. پوليس موجب عمران خان جي آءِ ٽي آڏو صرف هڪ ڀيرو پيش ٿيو آهي جي آءِ ٽي جي ميمبرن کي ڌمڪيون ڏيڻ تي پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف شڪايت داخل ٿيل آهي. ياد رهي ته عمران خان 9 مئي جي واقعن تي جاچ ڪندڙ جي آءِ ٽي جي سامهون 14 جولاءِ تي پهريون ڀيرو پيش ٿيو هو. ڪيس لاهور جي قلعه گجر پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ جي آءِ ٽي جي سامهون پيش ٿيڻ جي لاءِ طلب ڪيو ويو هو

بقايا 16

ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ سيڪيورٽي لاءِ مقرر 2 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا. پوليس موجب فائرنگ کان پوءِ پوليو ٽيم جي بچاءِ واري ٽيم محفوظ رهي. بلوچستان جي وڏي وزير پوليو ڊيوٽي تي مقرر پوليس اهلڪارن مٿان فائرنگ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي ۽ فائرنگ جي واقعي جي رپورٽ به طلب ڪري ورتي آهي. پوليس موجب هٿيار بند جوابدار موٽر سائيڪلن تي سوار هئا جيڪي ٻن مختلف طرفن کان آيا هئا. واقعي کان پوءِ جوابدار آساني سان فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس جي وڏي نفري علائقي ۾ پهچي وئي. جوابدارن جي ڳولا وارو عمل شروع ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته ان کان اڳ به ڪرڪ ۾ پوليو ٽيمن تي ڪيترائي حملا ٿي چڪا آهن جنهن ۾ ڪيترائي پوليس اهلڪار شهيد ۽ زخمي ٿي چڪا آهن.

بقايا 17

وڪيل چيو ته ڪارونجهر سنڌ جو جهومر آهي، ان جي نيلامي يا ڪٽائي برداشت نه ڪنداسين وڪيلن طرفان ڪارونجهر کي ليز تي ڏيڻ ۽ پٿر جي ڪٽائي تي مستقل پابندي لڳائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي.

بقايا 18

بند ٿيڻ ڪاڻ لڳ ڀڳ 2 سالن کان پوءِ مارڪيٽ 48 هزار پوائنٽن جو نشان پار ڪيس

بقايا 19

ليٽر جاري ڪري ڇڏيا. ان موقعي تي صوبائي وزير سيده شهلا رضا چيو ته کاتي ۾ اسٽاف جي سخت کوٽ جو سامهون ڏسڻو پئجي رهيو ۽ اسان کاتي جي بهتري ۽ ڪم کي وڌيڪ تيزي سان اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪافي عرصي کان اسٽاف جي مقرري جو مطالبو ڪري رهيا هئاسين. هن چيو ته اسان کي عورتن جي بابت عدالتي ڪيسن لاءِ وڪيلن جي تمام گهڻي ضرورت پئي ٿي هئي تنهن هوندي اڄ اسان 10 وڪيلن کي مختلف ضلعن لاءِ آفر ليٽر جاري ڪيا آهن. جنهن بعد اسان کي اميد آهي ته هر کاتي ۾ ڀرتي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا. ان دوران مختلف ضلعن مان 15 ڄڻن کي نائب قاصد جا آفرليٽر به ڏنا ويا. ياد رهي ته مقبين وڪيلن ۽ جونيئر ڪلرڪن 2021ع ۾ آءِ بي اي جو امتحان پاس ڪيو هو ۽ گذريل ٻن سالن کان سندن آفرليٽر جو انتظار ڪري رهيا هئا.

بقايا 20

عراق جي دوري دوران زائرين جي سهولت ۽ انهن مسئلن جي حل تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي.

بقايا 21

جوابدار عورت سوميا عاصم جي عبوري ضمانت جي درخواست جي ٻڌڻي ٿي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڊاڪٽر عابده ساجد هڪ لک روپين جي مچلڪن عيوض 7 آگسٽ تائين عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي ۽ جوابدار عورت کي جاچ ۾ شامل ٿيڻ ۽ ايندڙ ٻڌڻي تي ايڊيشنل سيشن جج جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت ۾ جمع ڪرايل درخواست ۾ جوابدار عورت جو بيان سامهون اچي ويو آهي. سوميا عاصم ڪهاڻي هڪ ٺوڪري قرار ڏيندي چيو ته رضوانه پنهنجي والدين جي مرضي سان منهنجي گهر ۾ نوڪرياڻي هئي، ايف آءِ آر ۾ بيان ڪيل ڪهاڻي صحيح نه آهي. سوميا عاصم عدالت ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته رضوانه تي ڪڏهن به تشدد نه ڪيو آهي. جاچ ۾ پنهنجي موقف کي صحيح ثابت ڪندس. رضوانه جي عمر 17 سالن کان وڌيڪ آهي سوميا عاصم چيو ته رضوانه سان گذريل 9 کان 12 سالن جي ٽن ٻارن جيان هميشه نرمي سان پيش ايندي رهي آهيان. واقعي کان اڳ جڏهن کان رضوانه مون وٽ ڪم ڪري رهي هئي ڪڏهن به ڪا شڪايت نه هئي. حقيقتن کي ٽوڙي مروڙي منهنجي خلاف استعمال ڪري پيو وڃي. سوميا عاصم درخواست ۾ چيو ته مان به منفي مهم جي متاثر آهيان جيڪا سلي شهرت رکندڙ منهنجي سول جج مڙس خلاف هلائي پئي وڃي. اهڙي هٿ ٺوڪي ڪهاڻي سبب مان ذهني طور تي تمام گهڻي ڊسٽرب ٿي آهيان. پڙهيل لکيل عورت آهيان. بدنيتي جي آڌار تي ڪيس ۾ ڦاسايو پيو وڃي. پوليس جي سامهون جاچ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار آهيان منهنجي گرفتاري کان اڳ ضمانت جي درخواست منظور ڪئي وڃي.

بقايا 22

لاءِ هر ممڪن قدم کنيا آهن اليڪٽرانڪ، پرنٽ ۽ ڊيجيٽل ميڊيا جي مانيٽرنگ جي شروعات ڪئي وئي آهي. اهو سينٽرل مانيٽرنگ سسٽم هوندو اهو مانيٽرنگ سسٽم پهريون ڀيرو انسٽال ڪيو ويو آهي. وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته پي ايس ڊي پي جو پهريون فيز مڪمل ٿي چڪو آهي. گذريل حڪومت ۾ ريڊيو ۽ پي ٽي وي جي نيلامي جون ڳالهيون ٿينديون هيون. فارين ميڊيا ڊيجيٽل مانيٽرنگ وال سان حالات حاضره بابت آگاهي ملندي. 15 مهينن ۾ اسان اڪانومي کي ريڪوري ڪيو پيٽرول وڌائڻ عوام لاءِ ڏکيو فيصلو آهي. اقتدار سنڀاليو ته اسان سياست نه هر رياست کي ڏٺو مريم اورنگزيب چيو ته فخر سان چوان ٿي ته ملڪ بچائڻ لاءِ اسان حڪومت ۾ اچڻ جو فيصلو ڪيو. گذريل حڪومت ملڪ کي ڊيفالٽ جي ويجهو پهچايو آءِ ايم ايف معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي. شهباز شريف آءِ ايم ايف معاهدي کي بحال ڪيو. اسان جيڪي به فيصلا ڪيا آهن اهي سڀ ملڪ کي ڊيفالٽ کان بچائڻ لاءِ ڪيا آهن پيٽرول وڌائڻ جا 2 سبب آهن. عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽروليم شين جون قيمتون وڌيون جنهن سبب پاڪستان ۾ به قيمتون وڌايون ويون. اسان کي خبر آهي ته هڪ هفتي کان پوءِ اسان جي حڪومت ختم ٿي ويندي. رات تائين فيصلو نه ڪري ته ڪيو ويو ته وزيراعظم جي ڪوشش هئي ته قيمتن کان گهٽ قيمتون وڌايون وڃن. الله جي فضل ڪرم سان اسان 15 مهينن ۾ جيڪو ڪم ڪيو آهي ان معيشت کي استحڪام ڏئي ملڪ کي ترقي طرف وڌايو. اهڙي معيشت کي بهتر ڪرڻ جو رستو آهي. ان کي اڳيان ڏينداسين. ايس آءِ ايف سي جي رستي سان ملڪي معيشت کي استحڪام ملندو.

بقايا 23

خان، پڪو ۽ ٻرهاسي برسات پئي بجلي ۽ مواصلاتي نظام ڊانوان ڊول ٿي ويو. برساتي انتظاميا جي دعوائن جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي، اڪثر علائقن مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو شهر جي بازارن ۽ مختلف پاڙن ۾ بيٺل برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ دڪاندارن ۽ رهواسين جي ڏاڍين باوجود انتظاميا تحرڪ نه ورتو ڪاچي جي 4 يونين ڪائونسلن جو 2 هفتا گذرڻ باوجود شهرن سان زميني رابطو بحال نه ٿيو انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندا غائب. ڪاچي واسي ٻيڙين ذريعي شهرن ڏانهن وڃڻ تي مجبور بڻيل آهن

بقايا 24

ليز ڏيڻ تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي ڪوآپريٽو کاتي آءِ جي رجسٽريشن سميت ٻين آفيسرن کي خط اماڻي چيو ويو آهي ته جاچايل مدي تائين لاڳو هوندي خط ۾ چيو ويو ته ڪنهن به سوسائٽي کي ليز نه ڏيلي ليز نه ڏيڻ جي هدايت ڪرڻ سان گڏ ان جي درخواستن جو نئين سر جائزو ورتو ويندو لي آئوٽ پلان. بلڊنگ پلان لاءِ هر قسم جي عمل کي روڪيو وڃي.

بقايا 25

الرحمان سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته پوري قوم رياستي ادارن طرف ڏسي رهي آهي. پاڪستان ۾ 26 انٽيليجنس ادارا آهن اهي ڪٿي غائب آهن باجوڙ حملو هڪ وڏي انٽيليجنس ناڪامي آهي مولانا فضل الرحمان وڌيڪ چيو ته ڇا هي مون کي ڀروسو ڏياري سگهن ٿا ته رياست منهنجي حياتي جي حفاظت ڪري سگهي ٿي يا نه؟ ڇا رياست صرف ٽيڪس وصول ڪندي، جان مال جي حفاظت نه ڪندي. باجوڙ جهڙن واقعن ذريعي جي يو آءِ (ف) جو عوام سان رابطو ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اهڙي قسم جي قدمن سان نه اڳ اسان جي پارٽي جو رستو روڪي سگهيو هو نه ئي اڄ ممڪن هوندو مولانا فضل الرحمان وڌيڪ چيو ته اهڙي صورتحال کي نظر رکندي جي يو آءِ جي مرڪزي مجلس شوريٰ جو اجلاس طلب ڪيو ويو آهي پر ان کان اڳ قبائلي اڳواڻن جو جرڳو گهرائڻ جي تجويز به سامهون آئي آهي.

بقايا 26

لاش اسپتال منتقل ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته ڪجهه مهينا اڳ مقتول جي ڀاءُ راشد ڪوسو کي قتل ڪيو ويو هو. عدالت ۾ ڪيس هلندڙ هو، جوابدارن پاران ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏنيون پئي ويون ٻيو يونيٽي ڊريون عدالت ۾ شنوائي بعد واپس ڳوٺ پئي ويون. نوجوان کي واپس ويندي ڳوليون هڻي ماريو ويو. علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو

بقايا 27

سرڪاري ۽ خانگي اسڪول کلي ويا آهن پهرين ڏينهن مختلف اسڪولن ۾ حاضري معمول کان گهٽ ڏٺي وئي تفصيل موجب ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ موڪلن کان پوءِ اڄ کان تعليمي سرگرميون بحال ٿي ويون آهن اسڪول ۾ نئون تعليمي سال به شروع ٿي ويو آهي ٻن مهينن جي موڪلن کان پوءِ تعليمي ادارن جون رونقون ٻيهر بحال ٿي ويون ۽ ٻارڙا هڪ ٻئي کي ڏسي تمام گهڻو خوش ٿيا. شاگرد نواب ڪتاب ۽ نئون ڪلاس جي شوق ۾ خوشي وچان اسڪول اچي رهيا آهن جڏهن ته ٻئي پاسي نصابي ڪورس جي دستيابي جو مسئلو بدستور درپيش آهي نائين ڏهين ۽ انٽر سال اول ۽ سال ٻه جا ڪتاب مارڪيٽ ۾ موجود نه آهن سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ پاران ڪتابن جي طباعت جو سلسلو مڪمل نه ٿي سگهيو آهي ڪراچي جي اڪثر خانگي اسڪولن ٻه هڪ هفتو اڳ اوچتو نصاب تبديل ڪري ڇڏيو آهي انهن جا درسي ڪتاب به مارڪيٽ ۾ دستياب نه آهن سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ پاران يقين ڏياريو ويو ته نئون تعليمي سال شروع ٿيڻ کان اڳ صورتحال کي ڪنٽرول ڪيو ويندو جڏهن ته هن وقت سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن ۽ ٽيڪسٽ بورڊ جا ڪتاب دستياب نه آهن ڪيترن ئي سرڪاري اسڪولن ۾ ٻار پراڻا ڪتاب کڻي اسڪول آيا جڏهن ته خانگي اسڪولن ۾ او ڪورس فراهم ٿي سگهيو آهي انهن ڏينهن ڏينهن تعريفي ڪلاسن کان پوءِ گهڻ خانگي اسڪولن ۽ تدريسي عمل ختم ڪيو ويو ته گهڻي پاڳي شاگردن ڪتابن ۽ ڪاپين کان سواءِ اسڪول آيا هئا شاگردن کي پهرين ڏينهن ڪورس آئوٽ لائين ۽ روزانو ڪتاب آڻڻ جو شيڊول فراهم ڪيو ويو جڏهن ته ڪجهه سرڪاري اسڪولن ۽ حاضري پهرين ڏينهن معمول کان گهٽ نظر آئي.

بقايا 28

رپيا 64 پئسا مهانگائي سان بند ٿي وي اڄ اڳاري ڏينهن واپار دوران انٽر بئنڪ ۾ ڊالر جي قدر ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي ڊالر جي قيمت ۾ 39 پئسا گهٽتائي ٿي وئي آهي هڪ آمريڪي ڊالر جو انٽر بئنڪ ريٽ هن وقت 286 رپيا 25 پئسا آهي ٻئي طرف اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 50 پئسا مهانگو ٿي 290 رپيا 50 پئسا ٿي ويو آهي.

بقايا 29

جلد سامهون اچي ويندو هن چيو ته سمورن معاملن ۾ اتحادين جي وچ ۾ مشاورت ٿيندي آهي. هر فيصلي تي اتحادين جا تحفظات دور ڪيا ويا آهن. جنهن به ڪيرن کي نتيجا ڀوڳتا پوندا.

بقايا 30

وڏي واڌ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهي. حڪومت فوري طور تي بجلي ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ ظالمانو اضافو واپس وٺي. واپاري اڳواڻ اجمل بلوچ چيو ته جيڪڏهن قيمتن ۾ اضافو واپس نه ورتو ويو ته ملڪ ۾ احتجاج جو اعلان ڪنداسين لکي ٿو ته عام چونڊن دوران مختلف ٽڪن ۾ پنجاهه پنجاهه ڪروڙ فنڊ پيٽرول ۽ بجلي جي قيمتن سان پورا ڪيا ويندا. خدا جي لاءِ سمورن ترقياتي فنڊز تي پابندي لڳائي عوام کي رليف ڏنو وڃي. اجمل بلوچ وڌيڪ چيو ته عوام ۾ هاڻ دوائون خريد ڪرڻ جي به طاقت نه رهي آهي. ملڪ ۾ معاشي سرگرميون ختم ٿي چڪيون آهن جنهن جو حڪمرانن کي احساس نه آهي. اهڙو نظام آندو وڃي جنهن ۾ ايماندار ماڻهن تي ٻڌل 10 وزيرن جي ڪابينه هجي. واپاري اڳواڻن سان مرڪزي تنظيم جي صدر ڪاشف چوڌري چيو ته حڪومت فوري طور تي بجلي ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ جو ظالمانو اضافو واپس وٺي، ٻئي صورت ۾ سڄي ملڪ ۾ احتجاج شروع ڪنداسين. حڪومت مفت بجلي، گاڏيون بند ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي مفادن جي لاءِ مختلف قانونسازيون ڪري رهي آهي. حڪمرانن جون عياشيون وڌي رهيون آهن عوام کي ٻن وقتن جي ماني به نه پئي ملي.

بقايا 31

گٽرن جو گندو پاڻي بيٺل آهي مظاهرو ڪندڙ دڪاندارن جو چوڻ آهي ته ڪوٽو موٽو چوڪ روڊ سميت شهر جا ايندڙ ويندڙ روڊن تي پاڻي بيٺل آهي، ڪاروبار ٺپ ٿي ويا آهن. چونڊيل نمائندا غائب آهن منهنجن جو ڪو به گراهڪ دڪان تي خريداري لاءِ نٿو اچي. پوري شهر جا روڊ گٽرن جي پاڻي سان ڀريا پيا آهن. ڪو به ميونسپل انتظاميا جو آفيسر يا چيئرمين شهر مان پاڻي ڪڍرائڻ لاءِ تيار ناهن چتاءُ ڏيندي چيو ته فوري مک روڊن تان پاڻي ڪڍرايو ڏيو نه ته احتجاج جو دائرو وڌائي ڪوٽو موٽو چوڪ تي ڌرڻو هڻنداسين

بقايا 32

جي ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي فواد چوڌري چيو ته ايترين رنجشن ۾ اسان اڳيان ڪيئن وڌنداسين ڇو ته هن وقت صورتحال معمول موجب نه آهي ان لاءِ چونڊن کان وڌيڪ اهم آهي ته اسان ملڪ جون حالتون معمول تي آڻيون. فواد چوڌري چيو ته پي ٽي آءِ، چيئرمين ۽ اسٽيبلشمينٽ جي وچ ۾ رنجشن کي گهٽ ڪيو وڃي. پي ٽي آءِ، چيئرمين ۽ نوازشريف وچ ۾ رنجشن کي گهٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيستائين اهي رنجشون گهٽ نه ٿينديون پاڪستان ۾ چونڊون ڪرائڻ ممڪن نه ٿيندو. چونڊون ٿي به وڃن ته اهڙي صورتحال ۾ مسئلا ڪيئن حل ٿيندا. اڳوڻي وزير چيو ته پاڪستان اندر جمهوريت ۽ چونڊن جو ماحول نه آهي. هن وقت فيصلو ڪرڻ جي ضرورت آهي ته پاڪستان کي ڪيئن نارمل ڪرڻو آهي ان لاءِ چونڊن کان اڳ ميثاق جمهوريت ڪيو وڃي. ميثاق جمهوريت سان پي ٽي آءِ، چيئرمين اسٽيبلشمينٽ ۽ نوازشريف ۾ رنجشون گهٽ ٿين. اهڙي چونڊن جو ڪهڙو فائدو جنهن سان مسئلا حل نه ٿين ان کان بهتر آهي ته مجلس شوريٰ ناهي وڃي. فواد چوڌري وڌيڪ چيو ته شهبازشريف ۽ راجا رياض جي مرضي سان حڪومت بڻجندي ۽ هو چونڊون ڪرائيندا. پاڪستان جي مسئلن تي ته اسان ڳالهائڻ لاءِ تيار نه آهيون اسان جا پاڻ ۾ جيڪي جهيڙا آهن اڃان تائين ان مان ئي ٻاهر نه نڪري رهيا آهيون. اهڙين اپاهج حالتن ۾ پاڪستان جو چونڊن طرف وڃڻ يا نه وڃڻ غير لاڳاپيل آهي ان لاءِ ٻهريان رنجشون ختم ڪرڻيون پونديون.

بقايا 33

جي فوجي عدالتن ۾ ٽرائل خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ وڪيل فيصل صديقي دليل ڏيندي چيو ته فل ڪورٽ سان بينچ جي جوڙجڪ تي اعتراض به ختم ٿي ويندا. فيصل صديقي چيو ته اٽارني جنرل يقين ڏياريو آهي ته هن ڪيس دوران ڪنهن سويلين جو فوجي ٽرائل نه ٿيندو. ڪجهه ججز ٻڌڻي کان معذرت ڪن ته بقايا ججز جو فل ڪورٽ ناهي سگهجي ٿي جيڪي حڪومت طرفان بينچ تي اعتراض اٿاريا ويا آهن ان سان ڪريه تعلق نه آهي. 3 ججز ڪيس جي ٻڌڻي کان معذرت ڪئي جنهن کان پوءِ هو فل ڪورٽ جو حصو نٿا ٿي سگهن فيصل صديقي جي دليلن تي جسٽس يحيٰ آفريدي چيو ته 3 ججز ڪيس ٻڌڻ کان معذرت نه ڪئي آهي. موجوده ڪيس ۾ صرف هڪ جج ڪيس ٻڌڻ کان معذرت ڪئي آهي. ڪيس ٻڌڻ کان معذرت نه ذاتي سببن جي آڌار تي به ڪئي ويندي آهي. جسٽس مظاهر چيو ته اوهان هن وقت فل ڪورٽ جو مطالبو ڪري رهيا آهيو جڏهن اوهان پنهنجي درخواست تي دليل ڏئي چڪا آهيون. فيصل صديقي جا دليل مڪمل ٿيڻ تي چيف جسٽس چيو ته درخواستگذارن طرفان فل ڪورٽ جي اها بهترين درخواست آهي. بهتر ٿيندو ٻين درخواستگذارن کان به فل ڪورٽ تي موقف ورتو وڃي. ان موقعي تي درخواستگذار اعتزاز احسن روسٽرم تي اچي ويو ۽ چيو ته اهڙي قسم جي درخواستن جو دير سان اچڻ ڪيس جي مقصد کي مڪروهه ڪرڻ جي برابر آهي. مون کي هن بينچ ۽ سپريم ڪورٽ تي مڪمل ڀروسو آهي. مارشلا ۾ به عدالتن ۾ پيش ٿيندو رهيو آهيان. ڀهريان 7 ججز معاملي ۾ 4-3 جو تڪرار بڻايو ويو. عدالت کي هن ڪيس جو فوري طور تي فيصلو ڪري تڪرارن جو رستو بند ڪرڻ گهرجي. ٻڌڻي دوران لطيف کوسه دليل ڏيندي چيو ته چاهيون ٿا ته فل ڪورٽ ڪيس ٻڌي پر اهو ٽيڪنيڪي بنيادن تي ممڪن نه آهي. حڪومت طرفان هن ڪيس جو مذاق بڻايو پيو وڃي. پنهنجي 50 سالن جي وڪالت جي تجربي ۾ اهڙيون حالتون ڪڏهن ناهن ڏٺيون. ججز ۾ ورهاست بابت سڄي دنيا کي خبر آهي. اهڙي صورتحال ۾ فل ڪورٽ جي درخواست صرف وقت کي ضايع ڪرڻ جي برابر آهي. ان موقعي تي سلمان اڪرم راجه چيو ته اهو بهترين موقعو آهي سپريم ڪورٽ فوجي عدالتن بابت هڪ ڀيرو ٽي فيصلو ڪري ڇڏي ملڪي تاريخ ۾ ڀهريون ڀيرو اختيار عدالت جي هٿ ۾ آهي. ان دوران سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن فل ڪورٽ ناهڻ جي مخالفت ڪئي. وڪيل عابد زبيري چيو ته بار کي به هن بينچ تي مڪمل ڀروسو آهي. ٻڌڻي دوران فيصل صديقي ۽ زمان وردگ کان سواءِ سمورن درخواستگذارن فل ڪورٽ جي مخالفت ڪري ڇڏي جڏهن ته پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل به فل ڪورٽ ناهڻ جي مخالفت ڪئي. جنهن کان پوءِ عدالت فل ڪورٽ جي معاملي تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو چيف جسٽس پاڪستان چيو ته اڃان هن معاملي تي مشاورت ڪنداسين جيڪڏهن ٿوري دير ۾ مشاورت مڪمل ٿي وئي ته 15 منٽن ۾ مناسب راءِ کان آگاهي ڏينداسين جيڪڏهن مشاورت مڪمل نه ٿي ته سڀاڻي آگاهه ڪيو ويندو، ٻئي طرف ڪورٽ ايسوسي ايٽ چيو آهي ته هن ڪيس جو فيصلو سڀاڻي ٻڌايو ويندو ۽ ڪيس بابت ڪاز لسٽ جاري ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 01

ڊيزل جي اگهن ۾ 20 ___ 20 رپيا واڌ خلاف شهري روڊن تي نڪري آيا. شهرين ۽ ٽرانسپورٽرن جن ۾ حافظ عبدالغفور ميمڻ، ڪمن ماڇي، اويس ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بس اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هنن چيو ته حڪومت تيل جا رڪارڊ ٽوڙ اگهه وڌائي مهنگائي جو بدترين طوفان برپا ڪيو آهي. جنهن سان عوام ماڻهو ويتر پريشان ٿي ويو آهي. حڪومت کان مطالبو ڪيو ته تيل جي اگهن ۾ واڌ وارو فيصلو فورن واپس وٺي عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 02

موجب.پيرلوءِ ۾ هر سال جيان هن سال به مجلس عزا امام حسين عليه السلام ۽ ماتمي جلوس برآمدگي جهولا شهزاده علي اصغر عليه السلام بمقام امام بارگاهه امام زين العابدين عليه السلام وليج شهيد زوار وسيم عباس شيخ نزد پير فاضل شاهه پيرلوءِ کان ٿي جنهن ۾ مومنين ۽ عزادارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. آخر ۾ نياز امام حسين عليه السلام ڪارايو ويو خادمين در زهرا سلام عليه زوار جاڙو خان شيخ ,زوار لعل بخش شيخ, زوار نديم عباس شيخ هئا ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش ڪندي علماء پاران امام حسين عليه ۽ 72سيد شهداء ڪربلا جي زندگي تي روشني وڌي وئي مجلس کان بعد جهولو شهزادا علي اصغر عليه برآمد ڪيو ويو ۽ ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستن کان ٿيندو امام بارگاهه تي پهتو جتي هزارين عقيدتمندن ماتم ڪري امام حسين عليه سان محبت جو اظهار ڪيو ويو جتي مولوي عطا حسين بلاغي ۽ مولانا مجاهد بهشتي مولانا ناصر غديري ذاڪر مرتضي شاهه ۽ ٻين مولا حسين عليه جي عظيم الشان قرباني کي سلام پيش ڪيو ۽ مولوي خطاب ڪندي فرمايو ته ظلم خلاف جيتري دير سان سجاڳ ٿينداسين اوترو وڌيڪ ظلم برداشت ڪرڻو پوندو جتي به انسان جي غيرت جو سوال اچي امام حسين عالي مقام جي انڪار وانگر جي بيهي رهو ڇو جو فتح هميشه حق ۽ سچ جي ٿيندي ڪفر ۽ ظلم کي ذلت کان سواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿيندو ۽ انسان کي گهرجي ته امام حسين عليه جي ڏسيل واٽ تي هلون دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ماڻيون مجلس کان بعد عزاداري شهداء ڪربلا پڻ برپا ٿي جنهن مشهور نوحه خوان سيد اختيار حسين شاهه انجمن لشڪرحسين آرائين سکر انجمن ماتمي قافلا سجاد باگڙجي ماتمي قافلا پيرلوءِ ضامن علي شيخ ۽ ٻين نوحه خواني ڪئي ۽ عزادارن ڪربلا جي شهيدن کي پرسو ڏنو ۽ شهيد زوار ذيشان حيدر جي تالي سان علي اصغر عليه جي ياد ۾ چانڊ جي سبيل پڻ هلائي وئي ۽ آخر ۾ نياز امام حسين عليه السلام تقسيم ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 03

شهدادڪوٽ شهر جي گنجيل آبادي شيزان چوڪ پرسان موٽرسائيڪل سوار هٿيار بند تيل جي واپاري کي يرغمال ڪري 9 لک کان وڌيڪ رقم ڦر ڪري فرار. شهر جي شاهي بازار جي منڊي ۾ شيزان چوڪ وٽ قائم تيل جي واپاري ۽ صرف، صابڻ، پيسٽ ۽ ٻين گهريلو استعمال شين جي هول سيل جي دوڪان تان موٽرسائيڪل سوار هٿيار بند واپاري اوبناش بجاج کي هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري 9لک کان وڌيڪ ڪيش ڦري ٿي باآساني فرار ٿي ويا هوڏانهن واقعي جو پڌندي هندو برادري سان تعلق رکندڙ واپاري ۽ شهري وڏي انگ ۾ واقعي واري دوڪان تي گڏ ٿي ويا. ٻئي پاسي واقعي جي اطلاع تي ڊي ايس پي شهدادڪوٽ يار محمد رند. ايس ايڇ او اي سيڪشن انور بروهي واقعي واري هنڌ پهچي جاچ ڪئي.

بقايا سنڌيار 04

شهدادڪوٽ ۾ روڊن، گهٽين ۽ نالين سميت ٻيا ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف مڪڻ شاهه پاڙي جي رهواسين ۽ سياسي، سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ترقياتي ڪم ڪرائڻ جو مطالبو. شهدادڪوٽ ۾ مڪڻ شاهه پاڙي جي رهواسي ۽ سياسي ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پاران شهر ۽ مڪڻ شاهه پاڙي ۾ روڊن. گهٽين. نالين سميت ٻيا ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف ايس يو پي اڳواڻ حمل خان خشڪ. آصف مگسي، الهداد خشڪ، شيعا اڳواڻ سيد علي اڪبر شاهه. جماعت اسلامي جي محمد ابراهيم دايو. مڪڻ شاهه پاڙي واسين شهمير دايو فرحان مگسي. گدا مستوئي، سڪندر خشڪ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪوٽو موٽو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي ۽ احتجاج کي خطاب ڪندي چيو ته سمورو شهر تباهي جي ڪناري تي پهچي ويو آهي هر طرف برسات ۽ نالين جو گندو پاڻي روڊن ۽ گهٽين ۾ بيٺل آهي ۽ چونڊيل نمائندن سميت ڪو به شهر جي مالڪي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن ڪري شهري ٻٽي عذاب واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. هنن چيو ته مڪڻ شاهه پاڙي ۽ شهر جي مين نالين جو ٺيڪيدار ۽ پبلڪ هيلٿ جو ايڪسيئن فياض چوهاڻ ٻن مهينن کان ڪم بند ڪري غائب ٿي ويا آهن ۽ ڪم اتي ئي رهيل آهي پر آيل پيسا ڪم ٿيڻ بجاءِ ڪرپشن جي ور چاڙهيا ويا آهن جنهن جي اعلي سطحي جاچ ڪرائي وڃي، هنن لاڳاپيل کاتي جي وزير. چونڊيل نمائندن سميت ٻين وس وارن کان شهر سميت مڪڻ شاهه پاڙي ۾ ترقياتي ڪم ڪرائڻ ۽ ڪم نه ٿيڻ جي ذميوارن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي ٻي صورت ۾ هنن احتجاج جو دائرو وڌائڻ جو پڻ چتاءُ ڏنو آهي.

بقايا سنڌيار 05

عظيم عاليشان تقريب منعقد ڪرائي وئي. تقريب ۾ تمام علماءِ اڪرامن توڙي نعت خوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سنڌ جي مشهور نالي واري عالم دين حافظ علي اڪبر قاسمي خصوصي خطاب ڪندي چيو ته امامن سڳورن ناني جي دين خاطر امام حسين عليه السلام پنهنجي ساٿين سميت پنهنجي ٻچڙن جي به جان جو نظرانو ڏئي هڪ عظيم شهادت جو جام پيتو ۽ اسان سڀني مسلمانن جي لاءِ اهو سبق ڏنو آهي ته الله پاڪ ۽ ان جي رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ڏسيل واٽ تي عمل ڪندي نماز ۽ قرآن پاڪ کي عملي طور تي قائم ۽ دائم رکئو ته جيئن پنهنجي جهانن ۾ ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو.آخر ۾ انتظاميه پاران نياز لنگر جو پڻ بندو بست ڪيو ويو هو.

بقايا سنڌيار 06

سنڌ سڀا طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ ڪارونجهر جي قومي اثاثي کي نقصان رسائڻ جي سازش خلاف احتجاجي مظاهرو ، سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرن جو اعلان . ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ سڀا طرفان ڪارونجهر جي قومي اثاثي کي نقصان رسائڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو . احتجاجي مظاهري کي سنڌ سڀا جي سربراهه انعام عباسي ، مرڪزي صدر اصغر جمالي ، پير بخش , زاهد جسڪاڻي ، صدام زنگيجو ، ساجد سنڌي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ دشمن رٿا تحت ڪارونجهر جي قومي اثاثي کي عام نيلامي جا واڪ ڏيئي هاڻي وري ساڃاهه وند قومپرست ڌرين جي احتجاج ڪانپوءِ ان کي ٽالي ۾ تبديل ڪري ڪٽائي جو ڪم جاري رکڻ جو فيصلو سنڌ حڪومت جي اختيارين ڪري ڇڏيو هو هاڻي وري به سازش تحت ڪارونجهر کي نقصان رسائڻ ۾ ڪا به ڪثر نه ڇڏي وڃي پئي ، ڪارونجهر جي پٿر کي ڪٽائي ذريعي ٽرالرن ذريعي ڍوءِ ۽ پرڏيهه ۾ وڪرو ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي جنهن کي بند نه ڪيو ويو آهي ، سنڌ جي عوام پنهنجي قومي اثاثن کي ڪنهن به صورت ۾ نقصان رسائڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏيندو . پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت هر دور ۾ سنڌ کي نقصان رسايو آهي هاڻي به قومي اثاثن کي لٽ مار جو ذريعو بڻايو وڃي پيو ، سنڌ مان ڌارين جي آبادڪاري سان گڏ قومي اثاثن کي نقصان رسائڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سنڌ سڀا طرفان سڄي سنڌ اندر احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا .

بقايا سنڌيار 07

ايمپلائيز يونين جي سنڌ تي احتجاج ڪيو ويو شاهه لطيف لوڪل گورنمينٽ ايمپلائيز يونين جي مرڪزي اڳواڻ حافظ مشتاق احمد ڪوريجو, احد جمال, شڪيل ميراڻي, منصور ڪوڪر, الطاف سيال. شاهد ويراڳي, شبير چنو, امتياز ڪنير ۽ ٻيا احتجاج ۾ شامل ڪي ايم سي ۽ ڊي ايم سي سميت سنڌ جا 8 هزار رٽائرڊ ملازم جن جون بقاياجات 16 ارب روپيه ٿين ٿيون جيڪا سمري سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ منظور ڪرڻ بجاءِ رد ڪري واپس ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته ساڳئي وقت لوڪل گورنمينٽ کاتي ۾ 16 هين گريڊ کان مٿي جا نوان آفيسر ڀرتي ڪيا پيا وڃن ته انهن کي پگهارون ڪٿان ڏيندا. انهن جو اضافي بوجهه به لوڪل ڪائونسلز جي مٿان پوندو سنڌ جون ميونسپل ڪاميٽيز. ٽائون ڪاميٽيز ۽ ڪائونسلز اڳ ئي بجيٽ گهٽ هئڻ ڪري ملازمن کي اڌ کان به گهٽ پگهارون ڏين ٿيون ۽ ملازمن جو هن مهانگائي واري دور ۾ استحصال ٿي رهيو آهي سنڌ جي بلدياتي ملازمن کي ٽريزري معرفت آنلائن پگهارون جاري ڪري ملازمن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪري. ڪي ايم سي، ڊي ايم سي ۽ سنڌ جي رٽائرڊ بلدياتي ملازمن جي بقاياجات واري سمري منظور ڪري سنڌ جي بلدياتي ملازمن ۾ پيدا ٿيل ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 08

جي صدر ٿاڻي جي حد مسلم ڪالوني جي رهواسڻ مسمات تسيم مڙس جي ڪشمور مان اغوا ٿيڻ خلاف ٻارن سميت احتجاج ڪيو غريب پورهيت غلام علي ڪانگهيو جي گهرواري مسمات تسيم پنهنجي معصوم نياڻين ۽ پٽن سان گڏجي صحافين آڏو لڙڪ هاريندي ٻڌايو ته منهنجو مڙس 5 محرم تي گهران نڪري ڪشمور ڪم لاءِ ويو جتان ڪيس ڌاڙيل اغوا ڪري ڪٽي ويا آهن هن چيو ته ڌاڙيل فون ڪري 30 لک روپيا ڀنگ طلب ڪري رهيا آهن جڏهن ته اسان کي رهڻ لاءِ پنهنجو ذاتي گهر به ناهي ڪرائي جي گهر ۾ رهندا هئاسين جتان به گهر مالڪ ڪڍي ڇڏيو آهي. معصوم نياڻين ۽ پٽن سان گڏ دربدري واري زندگي گذري رهي آهيان منهنجو مڙس کان سواءِ ڪو به ناهي متاثر عورت اپيل ڪندي چيو آهي ته حڪومت توڙي وس وارا مڙس جي بازيابي لاءِ مدد ڪن.

بقايا سنڌيار 09

سجاول لڳ ڳوٺ محمد خان طاهراڻي جي پرائمري بوائز گرل اسڪول جو ڪمرو رولڙي جو شڪار گذريل ٻن ورهين کان پٽين ۾ ڊار پنجي ويا ٺيڪيدار الا ۾ اسڪول جو ڪم ڇڏي ٻل منظور ڪرائي گولي اسڪول جي بلڊنگ ٺهڻ کان اڳ ڍهڻ لڳي ۽ سال پهريان اسڪول جو ڪم شروع ٿيو ته ايجوڪيشن ورڪس سجاول جي آفيسرن جي ملي ڀڳت جي ڪري اهيو ، ڪرپشن جي ور چڙهي ويو ڪمرن ۽ ڪمپائونڊ وال ۾ ناقص ميٽريل استعمال ٿيڻ ڪري ٺهڻ کان اڳ ڍهڻ لڳو گذريل ٻن ورهين کان معصوم ٻارڙن جو مستقبل داءَ تي لڳل ٻن ورهين کان 150 ٻار کلي آسمان تي تعليم پرائڻ لڳا جنهن ٻارڙن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي بار بار ٺيڪيدار سان رابطو ڪرڻ تي ٺيڪيدار جي ڪن تي جون“ ڪون ٿي سري ٻارڙن جي والدين غلام عباس خاصخيلي،سجاد خاصخيلي،حڪيم خاصخيلي،نعيم خاصخيلي ،عارف خاصخيلي،عادل خاصخيلي،فداحسين خاصخيلي،۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل ٻن ورهين کان اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم رولڙي جي شڪار سبب اسان جا ٻار دربدر آهن جنهن ڪري ٻارڙن جو تدريسي عمل بحال نه ٿي سگهيو آهي اسان جا ٻار تعليم جهڙي زيور کان محروم پيا ٿين هنن سنڌ حڪومت ضلعي انتظاميه توڙي وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته هن ڪرپٽ ٺيڪيدار اياز قريشي خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ اسڪول جو ڪم جلد مڪمل ڪيو وڃي اسان جي معصوم ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 10

مستوئي پاڙي جي رهواسين جو پاڙي مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف احتجاج مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ٽريفڪ معطل ڪري ڇڏي. مظاهرين عبدالنبي لانگاهه ، عمران چانڊيو ، احمد نواز بروهي، راحيل لانگاهه ، غلام حسين لانگاهه ، يار محمد بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مين شهدادڪوٽ رتوديرو روڊ تي ڌرڻو هڻي رڪاوٽو وجهي رستو بند ڪري ڇڏيو. مظاهرين ميونسپل عملي خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ هفتو گذرڻ باوجود وارڊ نمبر(2) جي مستوئي پاڙي جي مختلف گهٽين مان برساتي پاڻي نيڪال ناهي ڪيو ويو. جنهن جي ڪري هتان جا رهواسي سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن چيو ته برساتي پاڻي سان گڏوگڏ نالين جو گندو ۽ بدبودار پاڻي ٻن گهٽين ۾ بيٺل آهن ۾ هتان جو چونڊيل ڪائونسلر ۽ ميونسپل عملو هٿ اچڻ جي ذحمت به نه ٿو ڪري هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته جلد کان جلد اسان جي پاڙي جي صفائي ڪري پاڻي نيڪال ڪرائي ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ ميونسپل آفيس جو گهيراءُ ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 11

چيئرمين پرديپ اوجها، ميڊم نجم، ميڊم عظما، اوم پرڪاش مهيشوري، گرلس هاءِ اسڪول هيڊ ماستر صديق دل، ڪوشليا ٻائي، ريجهو رانوڙ ۽ حيدر جروار سميت شهر جي سياسي سماجي ڌرين توڙي والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ريلي شهر جي مختلف چوڪن کان ٿيندي مين بازار ۾ پهتي، جتي مختلف اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسان پنهنجن نياڻين کي ڪوشش ڪري وڌ کان وڌ تعليم ڏياريون ته جيئن اسانجو سماج سڌري سگهي، نياڻين کي خاص طور سرڪاري اسڪول ۾ داخلائون ڏياريون هنن جو چوڻ هو ته مرد پڙهيو ته فرد پڙهيو پر نياڻي پڙهي ته چڻ معاشرو پڙهيو، اسان هن ريلي جي ذريعي علائقي واسين کي پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا ته پنهنجي نياڻين کي پڙهايو ته جيئن پاڻ معاشري کي تعليم ذريعي تبديل ڪري سگهون. اڳواڻن جو چوڻ هي اسان ٿر جي واهڻ ۽ وستين ۾ وڃي اهو پيغام ڏينداسين ته نياڻين کي وڌ کان پڙهايو بي پاسي گرلس پرائمري اسڪول مهراج پومجي پاڙو جي هيڊ ماستريائي ڪوشليا جي اڳواڻي ۾ اسڪولن ۾ شاگردياڻين جي داخلا وڌائڻ لاءِ ريلي ڪڍي وئي.

بقايا سنڌيار 12

گذرڻ جي باوجود پوليس هڪ به مين جوابدار کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي جيڪا اسان سان ناانصافي آهي هنن چيو ته آرائين برادري جا ماڻهون ايترا ته بااثر آهن جو ظلم به اسان سان ٿيو آهي ويتر پوليس پروٽوڪول به قاتلن کي ڏيئي رهي آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي نينگر جي قتل ۾ ملوث 10 جوابدارن مان ست جوابدارن جي ڪچي ضمانت منظور ٿي آهي ۽ سندن جي ضمانت منظور ٿيڻ کان پوءِ ويتر اسان جي گهرن متان فائرنگ ڪري رهيا آهن جنهن ڪري اسان گهر جو سودو سامان به نه ٿا وٺي سگهون ۽ نه وري فلٽر تان پاڻي ٿا ڀري سگهون هنن چيف جسٽس کان مطالبو ڪيو ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ قاتلن جي ڪچي ضمانت رد ڪري قاتل گرفتار ڪيا وڃن ورنا ٻي صورت ۾ اسان احتجاج جو دائرو وڌائينداسين.

بقايا سنڌيار 13

هڪ سوسٽيتاليهه روپيا رکيو ويو آهي جڏهن ته ٻه لک ٽيتاليهه هزارات سوٽي روپيا بجٽ رکي وئي آهي . پگهار ۽ پينشن ستارنهن ڪروڙ ائٺ لک تيرهن هزارات سوائيهتر روپيا قدرتي آفتن لاءِ ست لک , سينيٽيشن ٻه ڪروڙ روپيا , گاڏين جي خريداري لاءِ ٻه ڪروڙ , نوان ترقياتي ڪمن لاءِ 17 ڪروڙ پريس ڪلب لاءِ پندرنهن لک غريب ماڻهن جي مالي مدد لاءِ ويهه لک روپيا اسڪالرشپ لاءِ ٽيهه لک روپيا ,هلندڙ ترقياتي ڪمن لاءِ هڪ ڪروڙ معذورن لاءِ ويل چيئر ويهه لک ,نلڪن جي مد ۾ ويهه لک ڊسپينسري ۽ دوائن لاءِ ويهه لک روپيا رکي وئي ان موقعي تي ضلعي چيئرمين گل محمد جکراڻي وائيس چيئرمين الطاف خان ڪوسو جو چوڻ هو ته اسان جي آمدني جو خاص ذريعو او ڏي ٽي شيئر آهي جيڪا گورمينٽ کان ملي ٿي اسان سنڌ حڪومت کان پنهنجي ضلعي جي آمدني وڌائڻ لاءِ درخواست ڪنداسين جيتري قدر ترقياتي ڪمن جو تعلق آهي ته بجيٽ ۾ خاص رقم رکي وئي آهي ترقياتي ڪمن جي حوالي سان اها تجويز ڏجي ٿي ته هر چونڊيل ميمبر کي ويهه لک جون اسڪيمون ڏنيون وينديون ته جيئن وڌ کان وڌ ڪشمور واسين جي خدمت ڪري سگهجي . ضلعي چيئرمين گل محمد جکراڻي ۽ وائيس چيئرمين الطاف خان ڪوسو جي صدارت هيٺ اڪثريت راءِ سان بجٽ 23 _ 24جي منظوري ڏني وئي .

بقايا سنڌيار 14

ٽنڊوباگو لڳ نوجوان پاران غربت ۽ بيروزگاري کان تنگ ٿي زهريلي دوا پي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش. تعلقه اسپتال جي ڊاڪٽرن نوجوان مان زهر ڪڍي سندس حياتي بچائي ورتي. ان ڏس ۾ ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ چتو ملاح ۾ 22 سالن جي نوجوان مدد پٽ چتو ملاح غربت ۽ بيروزگاري کان تنگ ٿي گهر ۾ پيل زهريلي دوا پي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي وارثن تعلقه اسپتال ٽنڊوباگو پهچايو جتي هن جو علاج هلندڙ آهي.

بقايا سنڌيار 15

ذوالفقار ڀٽو جونيئر جي 33 سالگرهه ميرپورماٿيلو ۾ ملهائي وئي. پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو تعلقي ميرپور ماٿيلو طرفان جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي 33 هين جنم ڏينهن تي پ پ پ شهيدڀٽو پاران شهيد ڀٽو آفيس تي وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي اڳواڻن الهڏنو بوزدار نظير احمد ڪلهوڙو معشوق علي گل ملڪ ۽ ٻين وڏي انگ شرڪت ڪئي,ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته جونيئر ذوالفقار ڀٽو ڀٽن جو اصل وارث آهي هو انسان دوست ۽ هر عام خاص ماڻهن سان محبت ڪري ٿو جونيئر ذوالفقار پاڪستان جي سياست جو مستقبل آهي جيڪو هنن ڪرپٽ زرداري ليگ کي هر وقت للڪاري ٿو هنن وڌيڪ چيو ته اسان هر گهڙي هر وقت جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو سان گڏ آهيون ۽ هميشه ڏک ۽ سک ۾ غريبن سان گڏ بيٺلو رهيو آهي آخر ۾ ڪيڪ ڪاٽي جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي وڏي ڄمار لاءِ دعا گهري وئي.

بقايا سنڌيار 16

مهراڻ ٽائون مٺياڻي روڊ نوشهروفيروز جي رهواسي مسمات حور خاتون صاحبزادي ٽاڊيا لاشاري نوشهروفيروز پوليس خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ايس ايڇ او نوشهروفيروز راجا نويد سرفراز ۽ ٻيا اسان جي 11 سال نوجوان سرفراز علي لاشاري کي ڪنهي ڳر ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته اسان جو نوجوان ڪجهه دماغي مريض آهي جنهن کي نوشهروفيروز پوليس 8 محرالحرام تي ڪنهي ڳر ڪري ڇڏيو آهي هاڻي پوليس چوي ٿي ته 3 لک روپيا ڏيو ته ڇڏينداسين ٿا اڳر اسان جي نوجوان ڇوڪري مٿان ڪو ڪيس داخل به ڪيو ويو آهي ان کي ظاهر ڇونٿا ڪن اسين غريب مسڪين آهيون اسان ايترا پئسا ڪٿان آڻي انهن پوليس وارن جا پيٽ ڀريو اسان جي پنهنجن مائٽن سان ذاتي دشمني آهي جنهن جو پوليس ناجائز فائدو وٺي اسان جي ٻين گهر ڀاتين مٿان به ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن اسين آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بنظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز سيشن جج نوشهروفيروز ۽ ٻين وس وارن ادارن کان هٿ ٻڌي مطالبو ڪيو ٿا اسين سان انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻئين صورت ۾ اسان کي انصاف نه مليو ته اسين پنهنجو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙينداسين جنهن جو ذميوار نوشهروفيروز پوليس ۽ ايس ايڇ او راجا نويد سرفراز هوندو

بقايا سنڌيار 17

باجوڙ ۾ جي يو آءِ جي ورڪرز ڪنوينشن ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ ٿيندڙ جاني ۽ مالي نقصان تي قومي اتحاد پارٽي پاڪستان جي چيئر پرسن تورين مسعود واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته جي يو آءِ ورڪرز ڪنوينشن ۾ دهشتگردن ڌماڪو ڪيو، ڌماڪي جي نتيجي ۾ 35 ڄڻا مارجي ويا ۽ 150 کان وڌيڪ ڪارڪن ۽ عام ماڻهو زخمي ٿيا آهن. واقعي تي سخت افسوس جو اظهار ڪيو ميڊيا کي جاري ڪيل بيان ۾ سنڌس چيئرپرسن تورين مسعود جو چوڻ هو ته شهداءِ جي خاندانن ۽ جي يو آءِ سان همدردي جو اظهار ڪندي چيائين ته حڪومت دهشتگردن جي سرپرستي ڪندڙن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي. حڪومت سياسي قائدين ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ جوڳا قدم کڻي. هن چيو لڳي ٿو ته حملي جو مقصد ملڪ ۾ افراتفري جي صورت حال کي پيدا ڪرڻ آهي. حڪومت ٻه ڌماڪي جي فوري جاچ ڪرائي، هن وڌيڪ چيو ته معصوم شهرين کي دهشتگردي جو نشانو بڻائڻ شرمناڪ عمل آهي ۽ بزدلاڻه ڪارروائي ۾ ملوث عنصر انسانيت ۽ ملڪ دشمن آهن. دهشتگرد عوام جي حوصلن کي پست نٿا ڪري سگهن. پوري عوام دهشتگردن خلاف متحد آهي، ڌماڪي ۾ مارجي ويلن جي بلند درجات ۽ پوئيرن کي صبر ۽ جميل عطا فرمائڻ جي دعا ڪريان ٿي ۽ موجوده حڪومت کان مطالبو ڪريان ٿي ته معاملي جي جاچ ڪري ملوث عنصرن خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻي کين عبرت جو نشان بنايو وڃي.

بقايا سنڌيار 18

44 هزار 8 سئو 71 ڪيوسڪس ڪيو ويو. جڏهن ته ڪوٽڙي بئراج تي مٿانهون وهڪرو وڌي هڪ لک 81 هزار 9 سئو 56 ڪيوسڪس تي پهچي ويو. ڪوٽڙي کان هيٺ سنڌو درياءَ ۾ پاڻي وهڪرن ۾ واڌ سبب دولهه دريا خان پل ٺٽو وٽان سنڌو درياءَ هڪ ڀيرو ڀيهرموج مستين سان وهي ڊيلٽا وٽان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ لڳو آهي. سنڌو درياءَ ۾ پاڻي وهي اچڻ تي ملاحن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي آهي. پلو مڇي سميت مختلف قسم جي مڇي مارڻ لاءِ مقامي ملاحن پنهنجا هوڙا درياءَ ۾ لاهي ڇڏيا آهن. ڊيلٽا ۾ پاڻي ڇوڙ ٿيڻ ڪري ڪيٽي بندر ۽ ڪاروچاڻ جي ساحل واسين ۾ به خوشي ڦهلجي وئي آهي. مٺو پاڻي درياءَ جي صورت ۾ ڊيلٽا تائين پهچڻ ڪري ماڻهن جي منهن تي مرڪون موٽي آيون آهن پر آبپاشي کاتي جي بيحسي ۽ بدانتظامي سبب هر سال جيان هن سال به ٺٽي ۽ سجاول جي انتهائي حساس قرار ڏنل حفاظتي بندن تي ڪو به ڪم نه ٿيڻ ڪري علائقي واسين ۾ خوف طاري ٿي ويو آهي. انتهائي حساس بچاءَ بندن ايير ايس سورجاڻي بيلو بنگلو مناري سرتا هيلايه ۽ پي پي بچاءَ بندن جي ڪمزور هنڌن کي رهواسين پاران مضبوط ڪرڻ جي ۽ بار بار گهر ڪئي پئي وڃي. پر انتظاميه اڃان تائين هن طرف ڪو به ڌيان ناهي ڏنو ٻئي طرف سکر بئراج تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو وڌي 4 لک 44 هزار 40 ڪيوسڪس ۽ هيٺانهون وهڪرو 4 لک 5 هزار 7 سئو 40 ڪيوسڪس رڪارڊ ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف گڊو بئراج جو مٿانهون پاڻي جو وهڪرو 4 لک 69 هزار 8 سئو 99 ڪيوسڪس ۽ هيٺانهون وهڪرو 4 لک 43 هزار 3 سئو 52 ڪيوسڪس رڪارڊ ڪيو ويو آهي. سنڌو درياءَ جي پاڻي ۾ اوچتي ايتري وڏي اضافي سبب ڪچي جا رهواسي سخت خوفزده بڻجي ويا آهن. جن انتظاميه کي واهر جي اپيل ڪندي کين محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 19

مٽياري ۾ گورنمنٽ آف سنڌ ۽ آءِ بي اي 5 کان 15 گريڊ ٽيسٽ ۾ پاس اميدوارن پاران احتجاجي مظاهرو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ايڊووڪيٽ محمد قاسم ملڪ وزير علي سولنگي احمر خان ملڪ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا اڳواڻن پاران آءِ بي اي خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته 5 کان 15 گريڊ وارين نوڪرين ۾ انٽرويو پاليسي ۽ گريڊنگ پاليسي ختم ڪري ۽ ٽاپ ٽو باٽم ميرٽ لسٽ جاري ڪري ۽ ميرٽ کي يقيني بڻايو وڃي ت جيئن شاگردن مان بيچيني ختم ٿي سگهي جڏهن ته احتجاجي مظاهري ۾ ايم اين اي ذوالفقار علي بهڻ شامل ٿي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ميرٽ کي يقيني بڻائي ساڻن انصاف ڪرڻ جي خاطري ڪرائي جنهن کان پوءِ ڌرڻو ختم ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 20

ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ محمد حنيف جمالي ۾ اٺ ڏينهن اڳ سارين جي فصل ۾ برساتي پاڻي ڇنڊڻ واري معاملي تان سالن هٿان قتل ٿيل پيٽائي زاهد علي جمالي جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن مان هڪ جوابدار شاهه مراد جمالي کي خفيا اطلاع ملڻ تي ٽنڊوباگو پوليس ڇاپو هڻي گرفتار ڪري ٽنڊوباگو ٿاڻي تي لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته شاهه مراد جمالي سان گڏ قتل ڪيس ۾ شامل ٻيا جوابدار روپوش ٿي وڃڻ سبب پوليس کي هٿ اچي نه سگهيا آهن.

بقايا سنڌيار 21

موسيٰ خاصخيلي احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ٽنڊو آدم مان نڪرندڙ ميل شاخ ۾ 6مهينن کان پاڻي نه ڏنو ويو آهي جڏهن ته ملڪ ۾ ٻوڏ واري صورتحال آهي پر افسوس ايس ڊي او اريگيشن سراج ميمڻ ميل شاخ جو پاڻي منڊ جي آبادگارن کي وڪرو ڪري رهيو آهي انهن وڌيڪ ٻڌايو ته 10 ڏينهن پهرين اسان ڌرڻو لڳايو هو انهي ڌرڻي کي ختم ڪرائڻ اريگيشن انجنيئر ڊي ايس پي جهنڊومري ۽ آبادگارن سان ڳالهيون ڪري واعدو ڪري ويو ته سيائي پاڻي ڏينديس اڃان تائين پاڻي نه ڏنو ويو آهي جيڪڏهن ٻن ڏينهن ۾ ميل شاخ ۾ پاڻي نه ڏنو ويو ته اريگيشن عملدارن خلاف ٽنڊوالهيار بائي پاس تي مرڻ گهڙي تائين ڌرڻو لڳايو ويندو جنهن جو زميوار اريگيشن عملدار هوندا

بقايا سنڌيار 22

تفصيل مرجب سول اسپتال مڪلي جي گائني وارڊ ۾ 3 ڏينهن اڳ ڳوٺ وڏيرو نور محمد بروهي جي رهواسي پورهيت رمضان بروهي پاران پنهنجي گهرواري زاهد کي علاج لاءِ داخل ڪرايو. جتي گائني وارڊ ۾ موجود ڊاڪٽريائين پاران غلط تشخيص ۽ غلط آپريشن جي ڪري پورهيت رمضان بروهي جو 7 مهينن جي ٻار کي ضايع ڪيو ويو. جنهن بعد رمضان بروهي جي گهرواري جي رت وڌيڪ ضايع ٿيڻ ڪري سندس طبيعت ويتر خراب ٿي وئي، جنهن کي ڪراچي اسپتال نيو ويو. جيڪا چوٿين ڏينهن اسپتال ۾ فوت ٿي ويئي. سندس گهر ۾ ڪهرام متل آهي، پورهيت رمضان بروهي چيو ته 7 مهينن جي اميد سان سندس گهر واري زاهد کي سول اسپتال مڪلي جي گائني وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو ته اتي موجود اڻ ڄاڻ ڊاڪٽريائين ۽ عملي گهر واري جي 7 مهينن ۾ ڊليوري ڪرائي ته سندس ٻار به فوت ٿي ويو، جنهن بعد سندس گهر واري جي به طبيعت وڌيڪ خون ضايع ٿيڻ بعد خراب ٿيڻ تي کين ڪراچي موڪليو ويو. جيڪا اتي فوت ٿي وئي. هن چيو ته سندس ٻار ۽ گهر واري جي موت جون ذميوار سول اسپتال مڪلي جي گائني وارڊ جون ڊاڪٽريائيون ۽ عملو آهي. هن صحت کاتي جي اعلي اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته ساڻس انصاف ڪري ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. جيئن اڳتي وري ٻئي ڪنهن جو گهر اجڙي نه وڃي. هن چيو ته ساڻس انصاف نه ٿيو ته هو انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندو.

بقايا سنڌيار 23

شهاب بلديي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو آهي ته بلڊر اسان کان پيسا وٺڻ ڪانپوءِ به رهائشي اسڪيمن ۾ گيس بجلي پاڻي ڊرينيج سميت ڪا به بنيادي سهولت نه ڏني وئي آهي هنن چيو ته بلڊرن جي جهانسن ۾ اچي ڪيترن شهرين گهرن جون اڏاوتون به ڪري ڇڏيون آهن پر ڪي به بنيادي سهولتون نه هجڻ ڪري سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهيون پر بلڊر رڳو ڪوڙا دلاسا ڏئي روانو ٿي وڃن ٿا هنن چيو ته پلاٽ خريد ڪرڻ وقت لکت ۾ ايگريمنٽ ڪرڻ باوجود ڄاڻايل سهولتون ڏيڻ لاءِ بلڊر تيار نه آهن هنن ڏاڍو ته ڪوسڪي روڊ ۽ ٽر ڪول باءِ پاس تي هڪ بااثر سياسي شخص جي چامر سٽي ۾ بدين ضلع جي مختلف علائقن مان هن رهائشي اسڪيم ۾ شفٽ ٿي آيل شهري عذاب واري زندگي گذاري رهيا آهن هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن بلڊر هڪ هفتي ۾ سڀ سهولتون نه ڏنيون ته احتجاج ڪرڻ سان گڏ ملڻ فراڊ جو ڪيس داخل ڪرايو ويندو

بقايا سنڌيار 24

ادارن جا بالا آفيسر اگهور ٽنڊ پيل ڪمالديرو هاءِ اسڪول ۾ برسات جي بيٺل پاڻي نيڪال نه ٿيڻ ڪري موڪلن ڪانپوءِ اسڪول جي پهرين ڏينهن استاد توڙي شاگرد سخت پريشان پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ تعليمي آفيسرن ۽ انتظاميا پاران ڪي به اپاءَ نه ورتا ويا آهن پاڻي تلاءَ جو ڏيک ڏيڻ لڳو پاڻي جي جمع هجڻ ڪري اسڪول ۾ مڇر توڙي ٻيا ڪيترن ئي قسمن جا زهريلي جيت پيدا ٿيا آهن شاگردن ۽ استادن ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر توڙي ايم پي اي سرفراز حسين شاهه ٽائون چيئرمين ۽ تعلقا پيلز پارٽي صدر سيد مرتضا شاهه يوسي چيئرمين غازي خان ڏهراج وائيس چيئرمين محبوب ابڙوکي اپيل ڪئي ته نوٽيس وٺي اسڪول جو پاڻي ڪڍرايو وڃي.

بقايا سنڌيار 25

تي احتجاجي ڌرڻي جو اعلان. ٻنون ۾ سالن کان وٺي ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف مختلف سياسي سماجي تنظيمن ۽ واپارين شهرين، صحافين تي مشتمل ايڪشن ڪميٽي پاران عبدالڪريم پليجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شمشير جنگ پليجو، عبدالڪريم پليجو، عبدالرحيم قاضي، غلام عباس پليجو، سرفراز سومرو، لونگ مهيشوري، غني جوش پليجو، غلام مصطفي سومرو، مولانا عطا پليجو امتياز ميمڻ، غفور ڌماچ، ابراهيم عباسي سميت ٻين خطاب ڪندي ٻنون جي بنيادي مسئلن جو ذميدار چونڊيل نمائندن، آفيسرشاهي ۽ ٺيڪيدارن کي قرار ڏنو هنن چيو ته ڪروڙين روپين جي لاڳت ٻنون جو ڊرينيج سسٽم، واٽر سپلائي اسڪيم سميت ٻنون قادرڏنو شاهه روڊ جي تعمير جو ڪم رولڙي جو شڪار آهي، 15 سالن کان ٻنون جي بجلي بند آهي، هنن اعلان ڪيو ته مسئلن جي حل لاءِ 6 آگسٽ آچر تي ٻنون جا سمورا شهري هاءِ اسڪول کان ٻنون بند تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هڻندا.

بقايا سنڌيار 26

، مسمات ڪونج، هن وڌيڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو ڪجهه سال اڳ لياقت جوڻيجو نالي شخص سان پيار پرڻو ٿيو هو جنهن مان چئن ٻارڙن جو اولاد آهي جيڪو مڙس ڪسي ويو آهي ۽ مونکي پيرين اگهاڙي گهر کان ڪڍي آهي هن وقت مائٽن ۾ پناهه ورتي آهي مونکي ڪنهن به قسم جي زور زبردستي ناهي نه ڪنهن اغوا ڪيو آهي ايس ايس پي خيرپور روحل کوسو ڊي آئي جي سکر آئي جي سنڌ ۽ اعلي ادارن کان تحفظ جو مطالبو

بقايا سنڌيار 27

تدريسي سرگرميون شروع ٿي ويون آهن. ڀڪندڙ ٻار ٻهراڙي جي ڳوٺن مان پيادل پنڌ ڪري سرڪاري پرائمري اسڪولن ۾ پهچڻ لڳا آهن. پر افسوس جي ڳالهه آهي ته اڃان تائين ٺٽي ضلعي جي سمورن پرائمري اسڪولن ۾ نئين سال جي لاءِ نصابي ڪتاب ورهائجي نه سگهيا آهن. جنهن ڪري معصوم ٻارڙا توڙي تدريسي عملو نصابي ڪتاب نه هجڻ ڪري پريشاني ۾ ورتل آهي. ٻئي طرف ڪوهستاني توڙي ساحلي پٽي سميت مختلف ڳوٺن ۾ اڃان تائين ڪافي اسڪول پڻ بند پيل آهن. جن کي کولرائڻ لاءِ تعليم کاتي، ضلعي انتظاميه توڙي چونڊيل نمائندن به ڪو تحرڪ ناهي ورتو. ايجوڪيشن ورڪس کاتي جي نااهلي سبب ضلعي ٺٽي جي سوين پرائمري اسڪولن جون عمارتون ڪمزور ۽ اڪثر اضافي ڪلاس رومز نه هجڻ ڪري ڪيترن ئي اسڪولن ۾ معصوم ٻارڙا کليل آسمان هيٺ ۽ ڇاپرن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن. هتان جي رهواسين اسڪولي ٻارڙن کي جلد نئين سال جا نصابي ڪتاب ڏياري بند پيل اسڪول کولرائي زبون حال اسڪولن جي بلڊنگس جي مرمت ڪرائي اسڪولن ۾ فرنيچر سميت سمورين بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي، جيئن ٻارڙا بهتر تعليم پرائي سگهن.

بقايا سنڌيار 28

پبلڪ اسڪول گڏاپ ڪراچي ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اسڪالرشپ ماڻيندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ اوريئنٽيشن پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ عبدالڪبير قاضي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ايس اي ايف، ناهيد عباسي ڊپٽي ڊائريڪٽر ايس اي ايف ، عبدالفتاح جوکيو ريجنل هيڊ ايس اي ايف. اسڪول جي بورڊ چيئرمين بخش علي لاکو، بورڊ جي ميمبر محبوب جوکيو ۽ پرنسپال خالد سيف الله ڀٽو سميت استادن، والدين شاگردن ۽ شاگردياڻين شرڪت ڪئي. پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ کان ڪئي وئي. سڀني آيل مهمانن کي سينئر استاد عبدالوحيد ڀليڪار ڪندي اسڪول جو تعارف ڪرايو ۽ نون آيل شاگردن جي رهائش متعلق تفصيلي ڄاڻ ڏني. پروگرام کي جاري رکندي پرنسپال خالد سيف الله ڀٽو اسڪول جي تعميراتي ڪم ، شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تربيت لاءِ رٿابندي جي پريزنٽيشن پيش ڪئي سڀني آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪندي اسڪول ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ بهترين تعليم ۽ تربيت فراهم ڪرڻ لاءِ اعتماد ڏياريو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر عبدالڪبير قاضي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سموري سنڌ ۾ غريب شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ اسڪالرشپ پروگرام تحت پنهنجون خدمتون سر انجام ڏئي رهي آهي. ڪيترن ئي قسمن جا تربيتي پروگرام پڻ رٿيل آهن جن کي وقت تي ترتيب ڏئي منعقد ڪرايا ويندا. اسڪول جي بورڊ آف گورنرز جي چيئرمين بخش علي لاکو سڀني آيل والدين، استادن شاگردن ۽ مهمانن جا ٿورا مڃيندي چيو ته اسان جي هن پروگرام ۾ اوهان سڀني جي شرڪت اسان لاءِ انتهائي خوشي جي ڳالهه آهي اسين پر اميد آهيون ته اوهان جا ٻار هن اداري مان پڙهي مستقبل ۾ پنهنجي والدين استادن سان گڏ ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪندا. پروگرام ۾ شريڪ والدين مان به ڪجهه والدين سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جا ٿورا مڃيا ۽ پبلڪ اسڪول گڏاپ جي پرنسپال، استادن سميت سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي خدمتن کي ساراهيو. نون آيل شاگردن جو تعارف پڻ ڪرايو ويو ۽ ايس اي ايف جي آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوغات اجرڪ اوڍايا. آخر ۾ سڀني مهمانن وچ ۾ ريفريشمينٽ ورهائي وئي. پرنسپال خالد سيف الله ڀٽو مهمانن کي نياڻين جي هاسٽل، ڇوڪرن جي هاسٽل ۽ ڪلاس رومزجو دورو پڻ ڪرايو.

بقايا سنڌيار 29

اڳواڻن صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب دوران چيئرمين سيد نور محمد شاهه سندس والد ايم پي اي سيد مراد علي شاهه سيدظهير حسين شاهه،سيد حسن علي شاهه جن آفيس جو پڻ افتتاح ڪيو جڏهن ته شهرين سياسي سماجي اڳواڻ بابو وسطڙو رئيس بهادر خان نائچ احمد خان نائچ ٽائون چيئرمين پريارو امتياز آرائين وائيس چيئرمين امير علي شاهه گلاب ڪيريو پريس ڪلب پريا جي چيئرمين ڊاڪٽر نثار علي شاهه مختيار ڪار پرياديٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اڪرم راٺواماِن الله چوهاڻ حاجي علي شير راجپوت سيد رڪيل شاهه ۽ ٻين پي پي ايم اي سيد مراد علي شاهه سميت چونڊجي آيل چيئرمين سيد نورمحمد شاهه وائيس چيئرمين صغير احمدراجپوت سيد ظهير حسين شاهه سيد حسن علي شاهه کي پٽيسن گلن هار ۽ سنڌي ثقافت اجرڪ ٽوپي لوڳيون پڻ پارايون ويون

بقايا سنڌيار 30

برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ جي ڪري بدين جي هيٺاهين وارن علائقن سميت اسڪولن ۽ سرڪاري آفيسن ۾ برساتي گندو پاڻي ڇوليون هڻي رهيو آهي پهرين آگسٽ تي اسڪولن جون موڪلون ختم ڪري اسڪولن ۾ پڙهڻ لاءِ ايندڙ شاگردن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ٻئي طرف مختيار ڪار آفيس هائي ويز کاتو زرعي توسيعي کاتو جانورن جي اسپتال سميت سرڪاري آفيسن ۾ گوڏي جيڏو پاڻي بيٺو آهي جيڪو نيڪال نه ٿيڻ جي ڪري انهن کاتن جا ملازم ۽ ڪم ڪاري ايندڙ عام ماڻهن کي سخت پريشاني جو منهن ڏسڻ سان گڏ سرڪاري ڪم پڻ متاثر ٿي رهيو آهي عام ماڻهو پنهنجي ڪمن ڪارن سان آفيسن ۾ اچن ٿا ته کين پاڻي جي ڇولين مان گذري آفيس ۾ اچڻو پوي ٿو اڪثر آفيسر به پاڻي بيهڻ جي ڪري آفيس نٿا اچن جنهن جي ڪري سرڪاري ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويا آهن جڏهن ته شهر جي قبرستانن ۾ پاڻي بيهڻ جي ڪري لاش دفنائڻ ۾ وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي ان سلسلي ۾ بدين جي شهرين ۽ ساڃاهه وند ماڻهن تعليمي ادارن ۽ ٻين عوامي جاين مان برساتي پاڻي جو نيڪال نه ٿيڻ جو ضلعي انتظاميه ميونسپل ڪميٽي بدين سميت سمورن لاڳاپيل کاتن کي ذميوار قرار ڏنو آهي ۽ مطالبو ڪيو آهي ته بدين جي سمورن هيٺين علائقن، تعليمي ادارن مسجدن جي گڏرگاهن قبرستانن روڊ رستن ۽ سمورن عوامي جاين تان فوري طور تي برساتي پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ فوري اپاءَ وٺي عوامي سهولتن خاطر برساتي پاڻي کي نيڪال ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 31

سکر ڊيولپمينٽ الائنس جي چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ حڪومت پاران پيٽرول جي اگهن ۾ 20 روپيا في ليٽر تائين اضافي کي رد ڪندي چيو آهي ته نااهل حڪمران ويندي ويندي به عوام کان سڪل ماني به کسي ورتي آهي، حڪمرانن جون عياشيون وڌي رهيون آهن ۽ عوام هڪ وقت جي ماني حاصل ڪرڻ لاءِ به پريشان نظراچي رهيو آهي، ملڪ ۾ غربت، مهانگائي، بيروزگاري جي ڪري عوام خودڪشيون ڪري رهيا آهن. بجلي، گئس جي اگهن ۾ مسلسل اضافي کان پوءِ هاڻ پيٽرول جي اگهن ۾ اضافي سان مهانگائي جو نئون طوفان ايندو حڪومت فوري طور تي پيٽرول اگهن ۾ ڪيل اضافي کي واپس وٺي ڪري بجلي، گئس جي اگهن ۾ به گهٽتائي ڪري نه ته عوام روڊن تي نڪري ڀرپور احتجاج ڪندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ سکر ڊيولپمينٽ الائنس جي منعقد ڪيل هنگامي اجلاس کي خطاب جي دوران ڪيو جنهن ۾ ايس ڊي اي اڳواڻ مولانا عبيدالله ڀٽو غلام مصطفي ڦلپوٽو مفتي محمد چمن زمان قادري، علام نور احمد قاسمي، آغا طاهر مغل، عيدن جاگيراڻي، شاهه محمد انڍڙ، محمد رضوان قادري، شهزادو ڀٽو، بابو مهر، شڪيل قريشي، آغا محمد اڪرم دراڻي، حافظ محمد شريف ڏاڏا، محمد صديق مهر، محمد منير ميمڻ، عبدالباري انصاري، علام عبدالستار بروهي، ڊاڪٽر سعيد اعوان، امداد جهنڊير، انيس خان، ڏاڏو ابڙو، فقير رمضان ڪوراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي، اجلاس کي خطاب ڪندي حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين جو وڌيڪ چوڻ هو ته حڪمران عوامي مفادن جي بجاءِ پنهنجي مفادن جي لاءِ دهڙا دهڙ قانون سازي ڪري رهيا آهن. غربت، مهانگائي، بيروزگاري جي چڪي ۾ پيڙهجندڙ عوام پنهنجي ٻارن جي پيٽ جي باهه اجهائڻ جي لاءِ به پريشان آهن، کاڌي پيتي جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. عوام جي لاءِ بجلي جا بل ادا ڪرڻ ناممڪن ٿي ويو آهي، حڪمرانن کي عوام جي تڪليف جو ذرو برابر به احساس ناهي، حڪمران غربت مٽايو جي بجاءِ غريب مٽايو جي پروگرام تي عمل پيرا آهن. پنهنجي عياشين جي خاطر حڪمران ويندي ويندي به عوام تي پيٽرول بم ڪيرائي عوام کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، حڪومت فوري طور تي پيٽرول اگهن ۾ ڪيل واڌ واپس وٺي ڪري بجلي، گئس جي اگهن ۾ به گهٽتائي جو اعلان ڪري ۽ ملڪ مان غربت، مهانگائي، بيروزگاري جي خاتمي جي لاءِ قدم کڻي نه ته عوام روڊن تي نڪري ڀرپور احتجاج ڪندي جنهن جي تمام تر ذميواري حڪمرانن تي عائد ٿيندي.

بقايا سنڌيار 32

ٿيل ڪارڪنن جي پوئيرن لا اعلان ڪيو وڃي، علماءَ ايڪشن ڪميٽي جي طرفان اعلان ڪيو ويو ته جميعت علماءِ اسلام جيڪو به جدوجهد جو اعلان ڪندي ان سان گڏ هونداسين ۽ حڪومت کي عوام جي جان مال جو تحفظ ڪرڻ گهرجي علماءِ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ مولوي محمد قاسم چانڊيو مولوي غلام محمد، مفتي عبدالرحمان، مولوي عبدالحفيظ چانڊيو مولانا قاري داؤد، ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 33

محسن شاهه ، سئي گيس ،پير ٻڌڙو ، بالا سيلارجا، صوفائي سهتا، ٻانهين ،ڪرڙي ۽ آس پاس جي مستحق عورتن لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ رجسٽرڊ ٿيڻ لاءِ ٻري ٻري تائين وڃڻ بجاءِ مستحق عورتن جي تڪليفن کي نظر ۾ رکي هتي سينٽر قائم ڪيو ويو آهي سيلارجا ۽ ڀرپاسي جون مستحق عورتون سينٽر تي پهچي وڌ کان وڌ سروي ڪرائن ۽ هن سهولت مان فائدو حاصل ڪن ۽ پنهنجو پاڻ کي رجسٽرڊ ڪرائي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان وظيفو حاصل ڪري پنهنجي زندگي جي مالي مشڪلاتن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪن هن وڌيڪ چيو ته سينٽر تي ايندڙ عورتون ضروري ڪاغذات کڻي اچن هن چيو ته سينٽر تي ايندڙ مستحق عورتن کي جيڪڏهن اولاد آهي ته ان اولاد جا بي فارم گڏ لازمي کڻي اچن ته جيئن با آساني سان رجسٽر ٿي سگهن

بقايا سنڌيار 34

عمران خان ۽ ان جي حوارين جو سياست سان ڪو به تعلق ناهي، انتهائي افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ذاتي مفادن جي چڪر ۾ پي ٽي آءِ ملڪ کي تباهه ڪيو هو، قومي اثاثن کي نقصان پهچايو پي ٽي آءِ پاڻ بدنام ٿي چڪي آهي هاڻي پاڪستان جي سياست کي بدنام ڪرڻ ۾ مصروف آهي. موجوده حڪومت وزير اعظم ميان شهباز شريف جي باصلاحيت قيادت ذريعي ملڪ کي ڏنل بحرانن، مشڪلاتن مان نجات ڏيارڻ لاءِ هرممڪن ڪوششون ڪري رهي آهي. پاڪستان مسلم ليگ ن جي عوامي ۽ ملڪي خدمتون ڪنهن کان لڪيل ناهن. ڪارڪنن ن ليگ جي مشن کي گهر گهر پهچائي ن ليگ کي وڌيڪ مضبوط ڪن. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ ذرائع ابلاغ جي نمائندن سان ڳالهائڻ دوران ڪيو.

بقايا سنڌيار 35

موجب.پيرلوءِ ۾ هر سال جيان هن سال به مجلس عزا امام حسين عليه السلام ۽ ماتمي جلوس برآمدگي جهولا شهزاده علي اصغر عليه السلام بمقام امام بارگاهه امام زين العابدين عليه السلام وليج شهيد زوار وسيم عباس شيخ نزد پير فاضل شاهه پيرلوءِ کان ٿي جنهن ۾ مومنين ۽ عزادارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. آخر ۾ نياز امام حسين عليه السلام ڪارايو ويو خادمين در زهرا سلام عليه زوار جاڙو خان شيخ ,زوار لعل بخش شيخ, زوار نديم عباس شيخ هئا ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش ڪندي علماء پاران امام حسين عليه ۽ 72سيد شهداء ڪربلا جي زندگي تي روشني وڌي وئي مجلس کان بعد جهولو شهزادا علي اصغر عليه برآمد ڪيو ويو ۽ ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستن کان ٿيندو امام بارگاهه تي پهتو جتي هزارين عقيدتمندن ماتم ڪري امام حسين عليه سان محبت جو اظهار ڪيو ويو جتي مولوي عطا حسين بلاغي ۽ مولانا مجاهد بهشتي مولانا ناصر غديري ذاڪر مرتضي شاهه ۽ ٻين مولا حسين عليه جي عظيم الشان قرباني کي سلام پيش ڪيو ۽ مولوي خطاب ڪندي فرمايو ته ظلم خلاف جيتري دير سان سجاڳ ٿينداسين اوترو وڌيڪ ظلم برداشت ڪرڻو پوندو جتي به انسان جي غيرت جو سوال اچي امام حسين عالي مقام جي انڪار وانگر جي بيهي رهو ڇو جو فتح هميشه حق ۽ سچ جي ٿيندي ڪفر ۽ ظلم کي ذلت کان سواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿيندو ۽ انسان کي گهرجي ته امام حسين عليه جي ڏسيل واٽ تي هلون دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ماڻيون مجلس کان بعد عزاداري شهداء ڪربلا پڻ برپا ٿي جنهن مشهور نوحه خوان سيد اختيار حسين شاهه انجمن لشڪرحسين آرائين سکر انجمن ماتمي قافلا سجاد باگڙجي ماتمي قافلا پيرلوءِ ضامن علي شيخ ۽ ٻين نوحه خواني ڪئي ۽ عزادارن ڪربلا جي شهيدن کي پرسو ڏنو ۽ شهيد زوار ذيشان حيدر جي تالي سان علي اصغر عليه جي ياد ۾ چانڊ جي سبيل پڻ هلائي وئي ۽ آخر ۾ نياز امام حسين عليه السلام تقسيم ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 36

شهدادڪوٽ ۾ روڊن، گهٽين ۽ نالين سميت ٻيا ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف مڪڻ شاهه پاڙي جي رهواسين ۽ سياسي، سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ترقياتي ڪم ڪرائڻ جو مطالبو. شهدادڪوٽ ۾ مڪڻ شاهه پاڙي جي رهواسي ۽ سياسي ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پاران شهر ۽ مڪڻ شاهه پاڙي ۾ روڊن. گهٽين. نالين سميت ٻيا ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف ايس يو پي اڳواڻ حمل خان خشڪ. آصف مگسي، الهداد خشڪ، شيعا اڳواڻ سيد علي اڪبر شاهه. جماعت اسلامي جي محمد ابراهيم دايو. مڪڻ شاهه پاڙي واسين شهمير دايو فرحان مگسي. گدا مستوئي، سڪندر خشڪ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪوٽو موٽو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي ۽ احتجاج کي خطاب ڪندي چيو ته سمورو شهر تباهي جي ڪناري تي پهچي ويو آهي هر طرف برسات ۽ نالين جو گندو پاڻي روڊن ۽ گهٽين ۾ بيٺل آهي ۽ چونڊيل نمائندن سميت ڪو به شهر جي مالڪي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن ڪري شهري ٻٽي عذاب واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. هنن چيو ته مڪڻ شاهه پاڙي ۽ شهر جي مين نالين جو ٺيڪيدار ۽ پبلڪ هيلٿ جو ايڪسيئن فياض چوهاڻ ٻن مهينن کان ڪم بند ڪري غائب ٿي ويا آهن ۽ ڪم اتي ئي رهيل آهي پر آيل پيسا ڪم ٿيڻ بجاءِ ڪرپشن جي ور چاڙهيا ويا آهن جنهن جي اعلي سطحي جاچ ڪرائي وڃي، هنن لاڳاپيل کاتي جي وزير. چونڊيل نمائندن سميت ٻين وس وارن کان شهر سميت مڪڻ شاهه پاڙي ۾ ترقياتي ڪم ڪرائڻ ۽ ڪم نه ٿيڻ جي ذميوارن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي ٻي صورت ۾ هنن احتجاج جو دائرو وڌائڻ جو پڻ چتاءُ ڏنو آهي.

بقايا سنڌيار 37

سنڌ سڀا طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ ڪارونجهر جي قومي اثاثي کي نقصان رسائڻ جي سازش خلاف احتجاجي مظاهرو ، سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرن جو اعلان . ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ سڀا طرفان ڪارونجهر جي قومي اثاثي کي نقصان رسائڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو . احتجاجي مظاهري کي سنڌ سڀا جي سربراهه انعام عباسي ، مرڪزي صدر اصغر جمالي ، پير بخش , زاهد جسڪاڻي ، صدام زنگيجو ، ساجد سنڌي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ دشمن رٿا تحت ڪارونجهر جي قومي اثاثي کي عام نيلامي جا واڪ ڏيئي هاڻي وري ساڃاهه وند قومپرست ڌرين جي احتجاج ڪانپوءِ ان کي ٽالي ۾ تبديل ڪري ڪٽائي جو ڪم جاري رکڻ جو فيصلو سنڌ حڪومت جي اختيارين ڪري ڇڏيو هو هاڻي وري به سازش تحت ڪارونجهر کي نقصان رسائڻ ۾ ڪا به ڪثر نه ڇڏي وڃي پئي ، ڪارونجهر جي پٿر کي ڪٽائي ذريعي ٽرالرن ذريعي ڍوءِ ۽ پرڏيهه ۾ وڪرو ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي جنهن کي بند نه ڪيو ويو آهي ، سنڌ جي عوام پنهنجي قومي اثاثن کي ڪنهن به صورت ۾ نقصان رسائڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏيندو . پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت هر دور ۾ سنڌ کي نقصان رسايو آهي هاڻي به قومي اثاثن کي لٽ مار جو ذريعو بڻايو وڃي پيو ، سنڌ مان ڌارين جي آبادڪاري سان گڏ قومي اثاثن کي نقصان رسائڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سنڌ سڀا طرفان سڄي سنڌ اندر احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا .

بقايا سنڌيار 38

پبلڪ اسڪول گڏاپ ڪراچي ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اسڪالرشپ ماڻيندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ اوريئنٽيشن پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ عبدالڪبير قاضي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ايس اي ايف، ناهيد عباسي ڊپٽي ڊائريڪٽر ايس اي ايف ، عبدالفتاح جوکيو ريجنل هيڊ ايس اي ايف. اسڪول جي بورڊ چيئرمين بخش علي لاکو، بورڊ جي ميمبر محبوب جوکيو ۽ پرنسپال خالد سيف الله ڀٽو سميت استادن، والدين شاگردن ۽ شاگردياڻين شرڪت ڪئي. پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ کان ڪئي وئي. سڀني آيل مهمانن کي سينئر استاد عبدالوحيد ڀليڪار ڪندي اسڪول جو تعارف ڪرايو ۽ نون آيل شاگردن جي رهائش متعلق تفصيلي ڄاڻ ڏني. پروگرام کي جاري رکندي پرنسپال خالد سيف الله ڀٽو اسڪول جي تعميراتي ڪم ، شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تربيت لاءِ رٿابندي جي پريزنٽيشن پيش ڪئي سڀني آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪندي اسڪول ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ بهترين تعليم ۽ تربيت فراهم ڪرڻ لاءِ اعتماد ڏياريو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر عبدالڪبير قاضي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سموري سنڌ ۾ غريب شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ اسڪالرشپ پروگرام تحت پنهنجون خدمتون سر انجام ڏئي رهي آهي. ڪيترن ئي قسمن جا تربيتي پروگرام پڻ رٿيل آهن جن کي وقت تي ترتيب ڏئي منعقد ڪرايا ويندا. اسڪول جي بورڊ آف گورنرز جي چيئرمين بخش علي لاکو سڀني آيل والدين، استادن شاگردن ۽ مهمانن جا ٿورا مڃيندي چيو ته اسان جي هن پروگرام ۾ اوهان سڀني جي شرڪت اسان لاءِ انتهائي خوشي جي ڳالهه آهي اسين پر اميد آهيون ته اوهان جا ٻار هن اداري مان پڙهي مستقبل ۾ پنهنجي والدين استادن سان گڏ ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪندا. پروگرام ۾ شريڪ والدين مان به ڪجهه والدين سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جا ٿورا مڃيا ۽ پبلڪ اسڪول گڏاپ جي پرنسپال، استادن سميت سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي خدمتن کي ساراهيو. نون آيل شاگردن جو تعارف پڻ ڪرايو ويو ۽ ايس اي ايف جي آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوغات اجرڪ اوڍايا. آخر ۾ سڀني مهمانن وچ ۾ ريفريشمينٽ ورهائي وئي. پرنسپال خالد سيف الله ڀٽو مهمانن کي نياڻين جي هاسٽل، ڇوڪرن جي هاسٽل ۽ ڪلاس رومزجو دورو پڻ ڪرايو.

بقايا سنڌيار 39

سکر ڊيولپمينٽ الائنس جي چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ حڪومت پاران پيٽرول جي اگهن ۾ 20 روپيا في ليٽر تائين اضافي کي رد ڪندي چيو آهي ته نااهل حڪمران ويندي ويندي به عوام کان سڪل ماني به کسي ورتي آهي، حڪمرانن جون عياشيون وڌي رهيون آهن ۽ عوام هڪ وقت جي ماني حاصل ڪرڻ لاءِ به پريشان نظراچي رهيو آهي، ملڪ ۾ غربت، مهانگائي، بيروزگاري جي ڪري عوام خودڪشيون ڪري رهيا آهن. بجلي، گئس جي اگهن ۾ مسلسل اضافي کان پوءِ هاڻ پيٽرول جي اگهن ۾ اضافي سان مهانگائي جو نئون طوفان ايندو حڪومت فوري طور تي پيٽرول اگهن ۾ ڪيل اضافي کي واپس وٺي ڪري بجلي، گئس جي اگهن ۾ به گهٽتائي ڪري نه ته عوام روڊن تي نڪري ڀرپور احتجاج ڪندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ سکر ڊيولپمينٽ الائنس جي منعقد ڪيل هنگامي اجلاس کي خطاب جي دوران ڪيو جنهن ۾ ايس ڊي اي اڳواڻ مولانا عبيدالله ڀٽو غلام مصطفي ڦلپوٽو مفتي محمد چمن زمان قادري، علام نور احمد قاسمي، آغا طاهر مغل، عيدن جاگيراڻي، شاهه محمد انڍڙ، محمد رضوان قادري، شهزادو ڀٽو، بابو مهر، شڪيل قريشي، آغا محمد اڪرم دراڻي، حافظ محمد شريف ڏاڏا، محمد صديق مهر، محمد منير ميمڻ، عبدالباري انصاري، علام عبدالستار بروهي، ڊاڪٽر سعيد اعوان، امداد جهنڊير، انيس خان، ڏاڏو ابڙو، فقير رمضان ڪوراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي، اجلاس کي خطاب ڪندي حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين جو وڌيڪ چوڻ هو ته حڪمران عوامي مفادن جي بجاءِ پنهنجي مفادن جي لاءِ دهڙا دهڙ قانون سازي ڪري رهيا آهن. غربت، مهانگائي، بيروزگاري جي چڪي ۾ پيڙهجندڙ عوام پنهنجي ٻارن جي پيٽ جي باهه اجهائڻ جي لاءِ به پريشان آهن، کاڌي پيتي جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. عوام جي لاءِ بجلي جا بل ادا ڪرڻ ناممڪن ٿي ويو آهي، حڪمرانن کي عوام جي تڪليف جو ذرو برابر به احساس ناهي، حڪمران غربت مٽايو جي بجاءِ غريب مٽايو جي پروگرام تي عمل پيرا آهن. پنهنجي عياشين جي خاطر حڪمران ويندي ويندي به عوام تي پيٽرول بم ڪيرائي عوام کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، حڪومت فوري طور تي پيٽرول اگهن ۾ ڪيل واڌ واپس وٺي ڪري بجلي، گئس جي اگهن ۾ به گهٽتائي جو اعلان ڪري ۽ ملڪ مان غربت، مهانگائي، بيروزگاري جي خاتمي جي لاءِ قدم کڻي نه ته عوام روڊن تي نڪري ڀرپور احتجاج ڪندي جنهن جي تمام تر ذميواري حڪمرانن تي عائد ٿيندي.

***

آفيس ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ٺٽو

NO.XEN(EWD)A.B/T.C//6498 Dated: 25.07.2023

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ٺٽو کي دلچسپي رکندڙ ڪانٽريڪٽرز/فرم کان ڪمپوزٽ شيڊيول آف ريٽ (CSR) 2012 تحت هيٺ ڄاڻايل ڪمن لاءِ مهربند واڪ/ٽينڊرز گهرائجن ٿا.

سيريل نمبر	يونٽس جو نالو/اسڪيم	تعلقو	ڪٿيل لاڳت ملين ۾	بڊ سيڪيورٽي 3٪ ملين ۾	تڪميل جو مدو	ٽينڊر في پي آرڊر جي صورت ۾
	(اي ڊي پي نمبر. 702 جي موجوده پرائمري/ايليمينٽري/سيڪنڊري اسڪول جو باقي ڪم (50 يونٽ) (SDG#4)					
1	جي بي پي ايس هوت خان بلوچ	ميرپور ساڪرو	2.77	0.083	12 مهينا	1.500
2	جي بي ايڇ ايس ميرپور ساڪرو	ميرپور ساڪرو	23.060	0.692	12 مهينا	3.000
	(اي ڊي پي نمبر 24_2023 جو 704) موجوده پرائمري/ايليمينٽري/سيڪنڊري اسڪولن جي ريهبليٽيشن (124 يونٽس) (SDG#4)					
3	جي بي پي ايس ڪرم داد منجيري	ٺٽو	1.697	0.051	12 مهينا	1.500
4	جي جي پي ايس حاجي رمضان حيجب	ٺٽو	1.250	0.038	12 مهينا	1.500
5	جي بي پي ايس جمن ملاح	گهوڙا ٻاري	1.450	0.044	12 مهينا	1.500
6	جي بي پي ايس لڪا عرف ملوڪ لاڪو	گهوڙا ٻاري	2.126	0.064	12 مهينا	1.500
7	جي بي پي ايس الله بچايو جت عرف فقير احمد رند	گهوڙا ٻاري	1.303	0.039	12 مهينا	1.500
8	جي بي پي ايس نظر محمد پنهور	گهوڙا ٻاري	1.924	0.058	12 مهينا	1.500
9	جي جي پي ايس ور	گهوڙا ٻاري	3.211	0.096	12 مهينا	1.500
10	جي بي پي ايس عبدالڪريم چانڊيو	گهوڙا ٻاري	2.890	0.087	12 مهينا	1.500
11	جي بي پي ايس سائين بخش چانڊيو عرف مير محمد چانڊيو	گهوڙا ٻاري	2.159	0.065	12 مهينا	1.500
12	جي بي پي ايس عرب خاصخيلي	گهوڙا ٻاري	1.307	0.039	12 مهينا	1.500
13	جي بي پي ايس بابيو	گهوڙا ٻاري	2.691	0.081	12 مهينا	1.500
14	جي بي پي ايس بچو چانڊيو	گهوڙا ٻاري	1.569	0.047	12 مهينا	1.500
15	جي بي پي ايس بهادر چانڊيو	گهوڙا ٻاري	1.320	0.040	12 مهينا	1.500
16	جي بي پي ايس يوسف چانڊيو	گهوڙا ٻاري	1.303	0.039	12 مهينا	1.500
17	جي بي پي ايس جيئند زنگاڻي بلوچ	گهوڙا ٻاري	1.317	0.040	12 مهينا	1.500
18	جي بي پي ايس سومار خاصخيلي عرف آري ڪوسو	گهوڙا ٻاري	1.318	0.040	12 مهينا	1.500
19	جي بي پي ايس حاجي ابوبڪر جت	ميرپورساڪرو	2.102	0.063	12 مهينا	1.500
20	جي بي پي ايس بقادار ناهيو	ميرپورساڪرو	3.531	0.106	12 مهينا	1.500
21	جي بي پي ايس چندرو سميجو	ميرپورساڪرو	2.671	0.080	12 مهينا	1.500
22	جي بي پي ايس محمد ابراهيم پتافي	ميرپورساڪرو	3.760	0.113	12 مهينا	1.500
23	جي بي پي ايس محمد خان سومرو	ميرپورساڪرو	5.237	0.157	12 مهينا	1.500
24	آفيس آف ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ٺٽو	ٺٽو	1.453	0.044	12 مهينا	1.500
	(اي ڊي نمبر 23_2022 جو 325) موجوده پرائمري اسڪول ۾ ننڍپڻ جي تعليم جي لاءِ ڪلاس رومن جي تعمير					
25	جي بي پي ايس ميرپورساڪرو	ميرپور ساڪرو	2.933	0.088	12 مهينا	1.500
26	جي بي پي ايس ور	گهوڙا ٻاري	2.933	0.088	12 مهينا	1.500
	(اي ڊي پي نمبر 23_2022 جو 779) تعلقي ميرپور ساڪرو جي موجوده پرائمري/ايليمينٽري/سيڪنڊري اسڪولن جي ريهبليٽيشن/ايڪسٽينشن/امپرومينٽ					
	جي بي پي ايس سوڍو جوکيو	ميرپور ساڪرو	1.892	0.057	12 مهينا	1.500
	جي بي پي ايس انور پالاري	ميرپور ساڪرو	1.784	0.054	12 مهينا	1.500

2. اهليت:
i. صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ 2022_23 تائين ۽ ان کان پوءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ خاص ڪوڊس (سواءِ ڪم جي خرچن جي 4.00 ملين تائين).
ii. فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) (اين ٽي اين) سان رجسٽريشن
iii. سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) سان رجسٽريشن

3. قابليت
i. ساڳئي ڪمن جي لسٽ جنهن جي قيمت هيٺ ڏنل آهي گذريل ٽن سالن ۾.
ii. تعمير لاءِ سالياني ٽران اوور گذريل ٽن سالن لاءِ في سال لاڳو ڪيل ڪم جي اندازي مطابق اڌ جي برابر هوندو
iii. لاڳاپيل سامان / مشينري جي فهرست ۽ ٽرانسپورٽ جي ملڪيت / ليز تي / فرم / ڪانٽريڪٽر طرفان ڪرائي تي.
iv. گذريل مالي ٽن سالن لاءِ انڪم ٽيڪس ريٽرن
v. مقدمن جي فهرست (جيڪڏهن ڪو به هجي)، انهن جي نوعيت ۽ حيثيت / نتيجا.
vi. فرم جي حوالي سان حلف نامو/ ضمانت ته نه بليڪ لسٽ ڪئي وئي آهي ۽ نه ئي ڪنهن عدالتي ڪيس ۾ ملوث آهي/ ڪنهن سرڪاري کاتي سان مقدمو

4. خريداري جو طريقو: سنگل اسٽيج / هڪ لفافو

5. بڊنگ/ ٽينڊر دستاويز/ جاري ڪرڻ:
i. 27.04.2023 تائين آفيس جي ڪلاڪن دوران ٽينڊر دستاويز هيٺ دستخط ٿيل آفيس مان جاري ڪيا ويندا يا 21.08.2023 تائين يا http://www.ppms.pprasindh.govt.pkتان ڊائون لوڊ ڪري ٽينڊر دستاويزن جي فيس جي ادائيگي تي. هر ڪم جي خلاف بيان ڪيل پي آرڊر يا جمع ڪيل رسيدن جو(ناقابل واپسي).

کولڻ:
ii. بوليون 22.08.2023 تي منجهند 2.00 وڳي تائين وصول ڪيون وينديون ۽ ساڳئي ڏينهن 3.00 وڳي تائين پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ بولي ڏيندڙ يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا جيڪي ان موقعي تي پيش ڪرڻ چاهيندا.
iii. غير جوابي ٽينڊر: ٻيهر جاري ڪيا ويندا / جمع ڪيا ويندا / کوليا ويندا هيٺين تاريخن تي.

بي ڪوشش: (a)جاري ٿيڻ جي تاريخ 22.08.2023 کان 06.09.2023 تائين
(b) جمع ڪرائڻ جي تاريخ 07.09.2023 منجهند 2.00 تائين ۽ ان ئي تاريخ تي 3:00 وڳي کوليو ويندو.

iv. جاري ڪرڻ، جمع ڪرائڻ، پڇا ڳاڇا ۽ افتتاح جي جاءِ هوندي:_
ائڊريس: آفيس ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن ٺٽو
اي ميل ائڊريس: xen.ewd.thatta@gmail.com
فون نمبر.
v. ان صورت ۾ جڏهن هيٺ دستخط ٿيل يا حڪومت بوليءَ/ٽينڊرن جي شروعات جي تاريخ تي عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي ته واپس وصول ڪيو ويندو ۽ ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي کوليو ويندو جيئن ذڪر ڪيل وقت تي.

6. شرط ۽ ضابطا
هيٺ ڏنل شرطن جي هيٺان رد ڪيو ويندو:
i. مشروط اليڪٽرانڪ ۽ ٽيليفونڪ بوليون / ٽينڊر.
ii. گهربل رقم جي بيڊ سيڪيورٽي سان گڏ نه آهن
iii. مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ حاصل ڪيل بوليون.
iv. بليڪ لسٽڊ ڪمپنيون.

7. بوليءَ جي صحيح مدت (90) ڏينهن (نوي ڏينهن)
پروڪيورنگ ايجنسي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن سان مشروط سمورين يا ڪنهن به بلن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن
ٺٽو

پڙهندي سنڌ ته...... وڌندي سنڌ

INF/KRY#3378/2023